

# ميندي ۽ سندا کيت

(شاعري)

راشد مورائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ميندي ۾ سنڌا ڪيت

(شاعري جو مجموعو - وڏايل ۾ سڏاريل)

راشد مورائي

سچل پبليڪيشن
حيدرآباد 2004ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امن جي

ناٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## من جي ڳالهه

ڪتاب ”ميندي؏ سندا ڪيت“ اڻلڀ ٿي ويو آهي، مون وٽ پنهنجي لئبرري؏ ۾ صرف هڪ ڪاپي موجود آهي. هاڻي جڏهن بہ ڪو دوست، مذڪوره ڪتاب جي گهر ڪندو آهي تہ ڏاڍي پريشاني ٿيندي آهي. ڪجهہ دوستن کي تہ فوٽو ڪاپي ڪرائي ڏنم، پر اهو سلسلو آخر

ڪيستائين هلي سگهندو. مان، پاڻ کي انهي سلسلي ۾ نهايت خوش نصيب سمجهندو آهيان جو منهنجو ڪوبہ ڇپايل ڪتاب رديءَ جي ٽوڪريءَ ۾ نہ ويو آهي. هر ڪتاب جون هڪ هزار ڪاپيون، ٽن مهينن اندر سڄي سنڌ ۾ ختم ٿي ويون آهن، پوءِ بہ ڪيترا شائقين ڪاپيءَ لاءِ مون ڏي خط لکندا رهندا آهن ۽ پڇندا رهندا آهن تہ اهو ڪتاب ڪٿان ملي سگهندو؟

اڄ جڏهن هڪ پياري دوست محمد مريد لُنڊ صاحب ساڳئي ڪتاب کي ٻيهر ڇپائڻ جو ارادو ڏيکاريو ۽ مون کان وڌيڪ غزلن جي گهر ڪئي، جيئن ڪتاب کي وڌائي سگهجي تہ مون کي ڏاڍي خوشي ٿي. زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ مون ڪنهن اداري کي اپيل نہ ڪئي آهي تہ منهنجو ڪتاب ڇپرائي، باقي دوستن جي اپيل کي مانُ ڏيڻ، منهنجو شيوو رهيو آهي. هيءُ ڪتاب پهرئين ڀيري هڪ پياري دوست عبدالحق مرحوم جي ننڍي ڀاءُ گلزار ميمڻ ڇپايو. ساٿي عبدالحق جي ڀاءُ هئڻ ڪري، مان بہ کيس پنهنجو ننڍو ڀاءُ سمجهندو رهيو آهيان ۽ ساڻس پيار ڪيان ٿو. پاڻ غير اديب ماڻهو آهي، پر سندس شوق کي آڏو اچڻ موزون نہ سمجهي، کيس مواد ڏنو، پوءِ ڪتاب جهڙو بہ ڇپيو، جيئن بہ ڇپيو، ٺيڪ ٿيو. خوشي ٿي تہ ننڍو ڀاءُ راضي ٿيو. هاڻي هن دوست، حڪم ڪيو آهي تہ وڌيڪ غزل ڏيو تہ ڪتاب کي وڌائي ڇپائجي، مان پنهنجي طرفان، دوست جي فرمائش پوري ڪري رهيو آهيان، دعا آهي تہ هيءُ دوست ذهني آسودگي ماڻي ۽ سدا سرهو رهي.

26-1-2004 راشد مورائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جيڪو ڪونہ جهڪيو....

اسان جي سنڌ ۾، اڄ بہ اهڙا اديب ۽ شاعر موجود آهن، جن جو فڪر چانديءَ جي پڃرن ۽ سون جي سنگهرن ۾ بند ٿي نہ سگهيو آهي ۽ نوجوان مفڪر محترم عبدالواحد آريسر جي لفظن ۾ ”دنيا جي ضربخانن ۾ اهڙو سڪو ئي ايجاد ٿي نہ سگهيو آهي، جو اهڙن سچن اديبن جو ذهن، ضمير ۽ قلم خريدي سگهي.“

اهڙا شاعر، هر دور ۾ آمر جي اکين ۾ اکيون وجهي چوندا آهن تہ:

منهنجو اگهہ پڇين ٿو آمر!
منهنجا گيت ڳنهي سگهندين تون؟

مون، پنهنجيءَ مختصر ادبي ڄمار ۾ ڪيترن رڄ اديبن ۽ شاعرن کي، وقت جي جبر ۽ دٻاءَ آڏو جهڪندو ڏٺو آهي ۽ اهڙن شاعرن لاءِ مون هڪ پيرو لکيو هو تہ:

همسفر! تون سڪن تي ڇڪن ٿي پئين،
ذات - ويڪوءَ سان بات ٿيٺي نہ آ!

پر جن شاعرن، سنڌ ۾ پنهنجيءَ ذات جو سيل ۽ تخليق جو ست سلامت رکيو ۽ وقت جي وڏي ۾ وڏي جبر آڏو جيڪي شاعر نہ جهڪيا نہ وڪيا، نہ ٽڙيا ۽ نہ ٽاٻاڙيا تن مان موري جو ”سائين راشد مورائي“ بہ هڪ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راشد، واقعي آريسر جي پيش ڪيل ڪسوٽيءَ تي پورولٿو آهي. ان جو وڏي ۾ وڏو ڪارڻ، سندس ڌرتي ماتا سان آڻٽ ناتو ۽ ڌرتي – واسين ۾ اٽل ويساهه آهي.

راشد مورائي، سنڌ جي قدآور شاعرن ۾ شيخ اياز کان وٺي اياز گل تائين جي وچ جي ڪڙيءَ جو اهم شاعر آهي. راشد جهڙيءَ طرح قول جو سچو شاعر رهيو آهي، تهڙيءَ طرح هن جو عمل به سچائيءَ جو نمونو رهيو آهي. اسان وٽ وڏا وڏا شاعر قول ۽ عمل جي ميدان ۾ ساڳيا نه رهيا آهن، پر راشد انهن شاعرن مان هڪ آهي جن جو عمل، پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ان جي رهواسين جي آسن ۽ آچپي جي تڪميل واري دڳ جي روشن مشعل آهي. راشد جي سچائپ ئي ڌرتيءَ سان آهي، جيئن خود به چوي ٿو:

ماتا! تو کان منهنڻو موڙي، ڪيئن خوش رهندس آنءُ،
سنڌڙي، مان نه سچاپان ئي ٿو تنهنجيءَ نسبت ساڻ!

راشد، غريب گهر جو فرد رهيو آهي، غربت سان هن جا ننڍي ئي نينهن جا ناتا ڳنڍجي ويا هئا. راشد هن وقت به معاشي طرح ”غريبن“ جي ذمري ۾ شامل آهي. آهي غريب، پر خودداري هن جي انگ انگ ۾ سمايل آهي. هن جي شاعري، هن جي ذات، سندس ذات جي ميراث نه آهي، بر ان کي هو ڌرتيءَ ۽ قوم جي امانت سمجهي ٿو. تڏهن ئي ته، جڏهن هن جا ڪيترائي همعصر، پنهنجي تخليق کي هٽ جو وکر بنائي، مڱڻهار بنجي، هر ڪاج جا ڳيچ ڳائڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا، ۽ جڏهن هن کي به پنهنجيءَ وات تي هلڻ لاءِ چون ٿا ته راشد، اجهو ڪين هيئن ٿو جواب ڏئي:

ذات وڪڻان؟ بات هيءَ هيهات! ڪهڙي ٿو ڪرين؟
ڪين ڪر افسوس منهنجي لٽن ميرن تي!

راشد جي نظر ۾ اديب يا شاعر چمڙو نه آهي، جيڪواونداهيءَ سان ناهه ڪري، پر هن کي خبر آهي ته اديب ۽ شاعر، روشنيءَ جا

پيمبر ٿيندا آهن ۽ روشنيءَ جي جنت ڏانهن نہ رڳو پاڻ سفر ڪندا آهن پر ٻين جي لاءِ پڻ ”وات جي لات“ ٻنجندا آهن:

راشدا! ڇمڙا نہ آهيون جو انڌيرن سان ٿهون،
پانهنجو ايمان پختو آ سويرن تي!

راشد جي شاعريءَ مان، هن جي شخصيت جو هر روپ، نکري نروار ٿي بيهي ٿو. شاعري، هن جي اندر جو آواز ۽ من جو اڌمر آهي. هن جون آرزوئون، ارادا، امنگون ۽ آسون، سندس شاعريءَ جي جهروڪي مان پسي سگهجن ٿيون.

جديد سنڌي شاعريءَ تي ”بيوس“ (ڪشنچند) ۽ شيخ اياز جو اثر نمايان آهي. راشد جي بہ ڪجهہ اوائلي شعرن تي شيخ اياز جو اثر هجي تہ هجي، باقي سندس سموري شاعريءَ تي هن جي پنهنجي ڇاپ آهي. هن وٽ پنهنجو نرالو انداز ۽ اسلوب آهي. سنڌ ۾ ٿورڙا ئي اهڙا شاعر آهن، جن جي شعر پڙهڻ ۽ ٻڌڻ مان اندازو ٿي ويندو آهي تہ هن شعر يا هن شعر جي ٻوليءَ جو خالق، فلاڻو شاعر آهي. راشد، اهڙن شاعرن مان هڪ آهي. راشد جي شاعريءَ ۾، استاد بخاريءَ وانگر ”سچڻ ۽ ساٿيهہ“ ٻئي موضوع ملندا. پر هن جي رومانوي توڙي قومي شاعريءَ ۾ خارجي عنصر وڌيڪ موجود آهي. هن جي ”هنگامي ۽ جذباتي“ شاعري بہ من کي ڏاڍي وڻندي آهي. راشد، اسٽيج جو راڻو آهي. آءُ سمجهان ٿو تہ اها ڏات ڪن ڳاڻ - ڳڻين شاعرن کي ئي حاصل هوندي آهي. جنهن راشد کي هڪ ڀيرو اسٽيج تي يا ڪچهريءَ ۾ ٻڌو هوندو، سو ڪيس عمر ڀر وساري نہ سگهندو.

راشد، جهڙيءَ طرح ذاتي زندگيءَ ۾ خوددار آهي، تهڙيءَ طرح هن جي شعر ۾ بہ خودداريءَ ۽ خود اعتماديءَ جو عنصر موجود آهي. هن جي شخصيت ۽ شاعريءَ مان خودداري ۽ خود اعتماديءَ جا گڻ ائين ٻکندي ڏسبا آهن، جيئن وچ گهنگهور گهٽا جي گهيري ۾ چمڪي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو وجود محسوس ڪرائيندي آهي. خودداري، راشد جي شخصيت ۽ شعر جو اڻٽ جزو يا حصو آهي.

راشد، هر شاعراڻي صنف تي لکيو آهي ۽ بهتر نموني لکيو آهي هر صنف تي، سو بہ ڀرپور انداز ۾ لکڻ، هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. راشد، پنهنجي ڪٿيا ۾ اڪيلو وينل هجي يا ماڻهن جي ميڙاڪي ۾ موجود، جنهن بہ وقت چاهي، شعر لکي وٺندو آهي. هن کي في البديهہ (Extempore) شعر لکڻ جو ڏانءُ آهي، جيڪو ڏانءُ هر شاعر کي نصيب نہ هوندو آهي.

راشد جو ڏاڏو نور محمد شاهہ "نور" ۽ والد سعيد علي شاهہ "خادم" پڻ سٺا صوفي شاعر ٿي گذريا آهن. هن جا بہ ڀائر روشن علي شاهہ "روشن" ۽ معصوم علي شاهہ "نماڻو" بہ شاعري ڪندا آهن. ان لحاظ کان، شاعريءَ سان هن کي گهرو ماحول ۾ ئي واسطو پيو آهي.

آئون سمجهان ٿو تہ سنڌ ۾ هن وقت سڀ کان تيز ۽ سڀ کان گهڻو لکندڙ ٽي شاعر آهن: استاد بخاري، مير محمد پيرزادو ۽ راشد مورائي، پر راشد وري بہ ٻنهي کان تيز آهي.

استاد، ڪاليج ۽ گهر جي مصروفيتن کان پوءِ گهٽي ۾ گهٽو وقت شاعري کي ڏيندو آهي؛ پر راشد جون مصروفيتون اڻ - ڳڻيون آهن. اسڪول ۾ ٻار پڙهائي، گهرو مسئلن کي منهن ڏئي، اوطاقي مڙس، پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن، سنڌي ادبي سنگت ۽ ٻين سماجي - قومي تنظيمن کي وقت ڏئي ۽ شاعري بہ ڪري. ان ڪري راشد جون اهي گهڻ - رخيون مصروفيتون، هن جي شاعريءَ تي اثر انداز ٿيڻ گهرجن، جيئن مون ۽ ٻين سان ٿي رهيو آهي، پر راشد تي انهن جو اثر بنهہ گهٽ ٿيندو آهي. راشد جيڏي مصروف زندگي گذاري ٿو، ايڏيءَ ئي تيزيءَ سان شاعري بہ ڪري ٿو.

سمورن جديد شاعرن ۾ راشد اڪيلو شاعر آهي، جنهن علم عروض جي وزنن تي وڌ ۾ وڌ لکيو آهي. هن تي اها ئي هڪ تنقيد

ڪري سگهجي ٿي. پر اها عجيب ڳالهه آهي تہ راشد عروضي سانچي ۾ جديد فڪر ۽ ترقي پسند سوچ واري شاعريءَ کي جنهن انداز ۾ پيش ڪيو آهي، ائين شايد ڪو شاعر پيش ڪري سگهي. راشد ”چندوديا“ تي بہ تمام گهڻو لکيو آهي، پر آءُ سمجهان ٿو تہ سنڌ ۾ علم عروض جو (شيخ اياز جي مون کي خبر نہ آهي) هن کان وڌو ڄاڻو ڪو شاعر مشڪل ٿي هوندو. ڏکين ڏکين وزنن تي راشد، انتهائي آسانيءَ سان لکي سگهندو آهي.

سنڌ ۾ ٽي اهڙا شاعر آهن، جيڪي پڙهيل طبقي کان اڻپڙهيلن تائين هڪجهڙا پسند ڪيا وڃن ٿا. جي آهن: استاد بخاري، تاجل بيوس ۽ راشد مورائي.

”استاد“ وٽ پنهنجو رنگ، پنهنجي ٻولي آهي، جيڪا ڳوٺاڻي ۽ اصطلاحي ٻولي آهي. اها ڪڏهن ڪڏهن ڳوڙهي ۽ معنيٰ خيز بہ ٿي ويندي آهي.

”تاجل“ وٽ شاهہ ۽ استاد جو گاڏڙ رنگ موجود آهي. جنهن ۾ ڪي عربي فارسي لفظ بہ ملندا، پر ڳائڻ ۾ ڏاڍي سهنجي معلوم ٿيندي آهي.

شعر، هرويرو اهو نہ آهي، جيڪو ڳائي سگهجي. پر جو شعر ڳائي سگهجي ٿو، ان جي پنهنجي اهميت آهي. راشد بہ تاجل بيوس ۽ استاد بخاريءَ وانگر انهن ٿورڙن خوش نصيب شاعرن مان آهي؛ جنهن جي رومانوي توڙي قومي شاعري، نہ رڳو ڳائي وڃي ٿي، پر پسند بہ ڪئي وڃي ٿي. راشد وٽ اڪثر قومي ڪارڪنن ۽ فنڪارن جي پيهہ نظر ايندي آهي، جيڪي ڪانئس شعر پيا لکائيندا آهن راشد بہ مون وانگر گلي جو سريلو نہ آهي، پر هن جي اڪثر شاعري سريلي (Lyrical) آهي. راشد، فنڪارن کي ڏنون بہ ترتيب ڏئي ڏيندو آهي. شعر چوڻ ۽ راڳ ٻڌڻ، راشد وٽ عبادت جو درجو رکن ٿا. پر اهي ٻئي شيون، ”سونهن“ جي زيارت کان سواءِ وٽس بي معنيٰ آهن. پوءِ اها سونهن،

ڪنهن حسين انساني چهري ۽ انگن جي سونهن هجي؛ فطرت جي حسين سرچشمن مان ڦٽي نڪتل سونهن هجي يا ڪنهن خوبصورت ذهن مان روشنيءَ جهڙي فڪر جي صورت ۾ جهلڪا ڏيندڙ سونهن هجي، راشد هر سونهن ۽ سهڻي شيءَ جو ثنا گر ۽ چاهيندڙ نظر ايندو:

حسين چيز هر ڪا ٿي موهي وجهي،
آ راشد مٿان وڻندڙن جو اثر!
*

سجي رات جاڳي عبادت ڪبي،
ڪچهري رڳو سونهن بابت ڪبي.
*

زندگي، بي بندگيءِ شرمندگي،
سونهن اڳيان سيس ڪي نوڙائجي.
*

ٽڙي پيا اڱڻ تي چنبيليءَ جا گل،
صبح ساڻ حاصل،تراوت ڪبي!

راشد سونهن جو پوڄيندڙ آهي، پر ان ۾ هو قدامت پرستيءَ واريءَ وات جو پوئلڳ نہ آهي. سونهن بابت هن جو نظريو، هن جو نقطئي نظر جديد آهي. جيئن هڪ هنڌ خود چيو اٿس تہ:

قدامت پرستيءَ کان پاسو ڪري
نئين صبح جي نيث زيارت ڪبي.

نئين صبح جي ڪومل، نرمل ۽ معصوم سونهن جو اندازو واقعي راشد مورائي لڳائي سگهي ٿو، يا دادا چينمل پرسرام؛ جيڪو سنڌوءَ جي ڪناري، صبح جي سونهن پسي، ”شاهہ“ جو هينئون بيت جهونگاريندو هو:

نيرانا ٿي نيڻ، نيئي آڇ پريٽَ کي،
ستر ڪاڏا ڪيڻ، حـﮧ ڏنو منهن محبوب جو!

راشد وٽ سونهن جو تصور جديد ۽ انقلابي آهي:

چا نہ آ ڳاڙهن گلابن سونهن ڪٿي،
چو طرف ”ڳاڙهاڻ“ کي ڦهلائجي.

”سرخ“ گلن واري علامتي تبديليءَ جو راشد، زندگيءَ ۾ تہ خود ڪارڪن رهيو آهي، پر مرڻ پڄاڻان بہ سندس آرزوءَ جو اندازو هن شعر مان لڳائي سگهجي ٿو:

گلڙن جي سيوا ۾ گذري، ساري آهي ڄمار،
سرخ گلاب لڳائي پوکج! منهنجيءَ تربت ساڻ.

راشد جي سموري شاعريءَ کي، سندس شعرن جي بنهہ مختصر مجموعي ”مينديءَ سندا ڪيت“ جي مناسبت سان، آئون ”مينديءَ جا ڪيت“ ئي سڏيندس. مينديءَ جا ڪيت، ظاهري اکين سان ساوا (سڪار ۽ خوشحالي جي علامت) نظر ايندا آهن، پر انهن جي ساون پنن جي پنيان ”ڳاڙهاڻ“ (آجپي، انقلاب ۽ آزاديءَ جي علامت) لڪل هوندي آهي. شال! راشد جا شعر، ان انقلاب جو پيش خيمو ثابت ٿين، جنهن جا خواب، اسان سيني گڏجي ڏٺا آهن ۽ جيڪو انقلاب اسان جي ماتر ڀوميءَ کي جنت روپي بنائي ڇڏيندو. جتي رڳوسونهن جا سرچشما هوندا، جتي پيار ۽ پريم جون ٻوليون ۽ لوليون گونجنديون، جتي ڪڏهن بہ ڪوجهائپ جو ڪارو ديو، حسين مکڙين جا مٿڪا نہ ٽوڙيندو؛ ۽ جتي آن ۽ ايمان سلامت رهندا!

آن آهي حصو ڳچ ايمان جو،
مان قسم ٿو کڻان ڪٽڪ جي شان جو!

(راشد)

تاج جويو

18-8-1985ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنهنجي طرفان

مان نہ اديب آهيان ۽ نہ شاعر البت سنڌ جي اديبن سان عام طرح ۽ شاعرن سان خاص طرح محبت ۽ عقيدت اٿم ۽ چاهيندو آهيان تہ منهنجي ذاتي لئبرري ۾ سنڌ جي سمورن شاعرن (قديم توڙي جديد) جو ڪلام موجود هجي انهي عشق مون کي لئبررين توڙي بوڪ اسٽالن کان علاوه صوفي فقيرن جي درگاهن تي بہ پهچايو آهي ۽ جيڪو بہ ڪتاب اٿليپ ٿي ويو آهي اُن جي فوٽو ڪاپي ڪرائي جلد ٻڌائي مون پنهنجي لئبرري جي زينت بنايو آهي ۽ ايئن ٺي ڪافي ڪتاب فوٽو اسٽيٽ منهنجي لئبرري ۾ موجود آهن. ڪتاب سُخن اعجاز ڪتاب گهرن تان نہ مليو تہ دادو مان ٽئڪسي پاڙي تي ڪري سعيد آباد مان وڃي پوري قيمت تي ڪتاب خريد ڪري آيس. سائين راشد مورائي جي هن ڪتاب "ميندي سندا ڪيت" جي ڪاپي جيڪا محترم عظيم سِنڌي صاحب کان فوٽو ڪاپي ڪرائڻ لاءِ ملي سا بہ زبون حالت ۾ ڏٺم تہ دل ۾ شوق جاڳيو تہ هن ننڍي ڪتاب تي خرچ ٿورو ايندو ڇو تہ هن جو ٻيو ڇاپو نروار ڪجي انهيءَ شوق جو اظهار سائين راشد آڏو ڪيم تہ پاڻ خوشي سان اجازت ڏنائون ۽ منهنجي چوڻ تي ڪجهہ وڌيڪ غزل پڻ عنايت ڪيائون اڄ هي وڌايل ۽ سڌاريل "ميندي سندا ڪيت" جو ٻيو ڇاپو اوهان جي هٿن ۾ آهي پنهنجي دلي شوق جي پوري ٿيڻ تي مان ڏاڍو خوش آهيان اُميد تہ ادب دوستن کي پڻ خوشي ٿيندي.

آخر ۾ آئون سچل بڪ سينٽر جي روح روان محترم غلام نبي جو بہ ٿورائتو آهيان جنهن هن ڪتاب کي سينگارڻ ۽ ڇپائڻ ۾ پنهنجو ڀرپور سهڪار ڪيو.

**محمد مريد لنڊ**
وڪيل انڪم ٽئڪس
دادو/مورو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيٽو آهہ تہ جڳ ۾ جيندس، همت حشمت ساڻ
حاصل ٿئي ٿي هرڪا نعمت، محنت مشقت ساڻ

دير اها آ جو سڀ مارو، جذهين ٿين سجاڳ
موٽي ايندي ماڳ تي مارئي، عزت عظمت ساڻ

ماتا! توکان منهڙو موڙي، ڪيئن خوش رهندس آنءُ
سنڌڙي! مان تہ سڄاپان ٿي تو تنهنجي نسبت ساڻ

گلڙن جي، سيوا ۾ گذري، ساري آهہ ڄمار
سرخ گلاب لڳائي پوکج، منهنجي تربت ساڻ

اڻ ٽيٽيءَ کي ٽيندو ڏسجي، تعجيب ڪئين نہ ٿئيم
شينهنِ کي آ گدڙن ماريو، کهڙي حرفت ساڻ

جذبن کان خالي تہ نہ هوندس، آهيان مان انسان
نفرت نفرت ساڻ ڪيان ٿو، محبت محبت ساڻ

جندڙي پنهنجي جلد ٿئي شل، جنجل کان آزاد
”راشد“ روح رهاڻ ڪريون ڪا، ويهي فرصت ساڻ

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ گھيڙن گھٽن ۽ تڙن جو اثر
قبوليو آ سهٽيءَ چڙن جو اثر

هئي ذهن آزاد مارئي تڏهن
تيس ڪونہ ڪوٽن ڪڙن جو اثر

هي ڪوتاه قد علم ۽ عمل ۾
قداور مٿان پتڪڙن جو اثر!

سڄي ڳالهہ تربيت تي آ منحصر
اتم آ سڪيا ڏيندڙن جو اثر

اڇڻ وارو آ دؤر اخلاق جو
پٽي ڏينهن آ ڏوڪڙن جو اثر

خبردار! ماحول تئي تو ڪنو
برابر برو بي وڙن جو اثر

حسين چيز هر ڪا تي موهي وجهي
آ ”راشد“ مٿان وٽندڙن جو اثر

❖

چو منهن تا لڪايو اسان ڌاريا تہ نہ آهيون
پنهنجن جي دلين تان ويا ڌڪاريا تہ نہ آهيون

ساڳيائي اسان دوستو! ڌرتيءَ جا دراوڙ
چو سمجهون اتم، پاڻ ڪي آريا تہ نہ آهيون

صحبت ۾ حسينن جي گذارڻ ڪو برو آ
هن پيار پلا چئي ڏيو، ڪاريا تہ نہ آهيون؟

هي ويڙهہ سبب ڪان سوا، بيجاءِ تہ ناهي
انصاف ڪيو! قوت قراريا تہ نہ آهيون

ڪو پيار ڪري چو ۽ اسين ڪنهن ڪي وٺون چو
سڀ لوٽ سڙيا، باغ بهاريا تہ نہ آهيون

جن لاءِ جهجي حال ڪان بيحال ٿياسون
هن قوم جي ڪنهن فرد وساريا تہ نہ آهيون

حق لاءِ جدوجهد هميشه رکي جاري
ڀهڪون تا پيا ڳٽتين ڳاريا تہ نہ آهيون

محبوب الائي تہ چو مايوس ٿيو تا
”راشد“ ڪو اسان همتن هاريا تہ نہ آهيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان پنهنجي هٿن سان پونيرڻي تقدير لکڻ آيو آهيان
پورهيت جي غلاميءَ جا سارا زنجير ڇنڻ آيو آهيان

هي ذهن عقل کان خالي هو، جنهن جيجل کان هو دور ڪيو
اڄ ڄڻ تہ جلاوطنيءَ ڪاٽيو، مادر سان ملڻ آيو آهيان

ٿو دوڏا ڦاڙي رئيس ڏسي ۽ وتجي سنجي ڦوڪون ڏئي
مان پنهنجي پسنديءَ موجب پنهنجو ووٽ ڏيڻ آيو آهيان

ڇو تنهائيءَ جي موت مرين، ٿو جهوراٽي ۾ روز جهرين
او هيٺا هاري اٿ تہ سهي، مان ساٿ ڏيڻ آيو آهيان

بس هاڻ نہ ڪنهن جي ڪاڻ اٿم، اڄ ڪرٽي هڪ هڪاڻ اٿم
انسانيت جي آزاديءَ لئہ، مارڻ يا مرڻ آيو آهيان

مان پيڙو آهيان پائڻ سان ۽ قحط جي ماريل مائڻ سان
جن رت رنو ٿي "راشد" سي، خوشحال ڪرڻ آيو آهيان

هر وات حسن جي بات آهي، هر جاءِ فسانو تُنهن جو آ
سرڪار! زمانو تنهنجو آ، سرڪار! زمانو تُنهن جو آ

هر رمز لهر جان ڳاٽ ڪٽي، من سمند ۾ واپس گم ٿي وئي
هر خيال نئون منهنجي سر ۾ تازو ۽ توانو تنهنجو آ

مان مجنون هان ليليٰ خاطر، هر در جي آڏو ٻٽڪان ٿو
جيڪو بہ ٻڌان ٿو سمجهان ٿو، آواز زنانو تنهنجو آ

هوڏانهن پرن جي ڪمان چڪي، هوڏانهن نگهہ جا تير ڇٽا
مون چوٽاڪڙ تہ گهٽائي ڏنا، پر نيڪ نشانو تنهنجو آ

ڇو هاري! هيٺي ٻولين ٿو ۽ ٻاڻ ڪي بيوس سمجهين ٿو
هي هر، جوڙو، ڪوڏار، ڪهاڙو، ڏاٽو، ٻيانو تُنهن جو آ

ڇو پورهيت پيڙا ڀوڳين ٿو، ڇا لاءِ نہ سوچين لوچين ٿو؟
هي هيڏو هٿوڙو، انبوري، هي پڪڙ، هي پانو تُنهن جو آ

تيو ساهہ ختم پر سڪ ۾ ڪو ترجو نہ تفاوت تيو آهي
هر روز پرين ڏي هڪڙو خط، "راشد" تيو روانو تُنهن جو آ

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي مقدر جون تحريرون
چوڏاري تنهن جون تصويرون

ڪيئن ڪندو ڪو دست شناسي
ڏنيون هٿڙن جون تہ لڪيرون

پير ڪڙين ۾ قابو آهيان
سوڳهيون زلفن جون زنجيرون

تنهنجي هڪڙي نهڪر سان ٿيو
هينئڙو ڦارون، جيئڙو جهيرون

گلڙن جي سرهاڻ هوا ۾
جامشوري جون ٿڌڙيون هيرون

هو مئخانو ۽ هو مسجد
چڙهن لهن ٿيون خيال جون ويرون

"راشد" سچيون ثابت ٿي ويون
منهنجي خوابن جون تعبيرون

❖

گهمر باغ حسن ۾ ڪري گلڙن جو احترام
واجب عشاق طبع تي، سهڻن جو احترام

فيصل تيل آ ڳالهہ، اها قوم تي تباهہ
جا قوم ڪري ڪانہ تي، محسن جو احترام

پڙلاءُ رئڻ جو ڪري آرام تو حرام
اي دل! پرين؏ جي ننڊ جي وقتن جو احترام

سا سونهن ڇا ڪبي، ڪري جا عشق کي نراس
هي زيادتي آ جي نہ ٿئي، جذبن جو احترام

هي جي قبول صورتون، هن شهر جا حسين
ڪن ٿا شڪر آ عشق جي اڏمن جو احترام

ڳوڙها ڪِرن ٿا مور جا جهتيو وني تي ديل
ڪيڏو نہ آهہ ”راشدا“ لڙڪن جو احترام

❖

هر هڪ چوٽ لڳڻ کان پوءِ مون هر ڀيري پڇتايو آهي
پوءِ بہ سونهن سزا ڀوڳڻ لئہ، مون کي پٽي هرکايو آهي

نازڪ جذبا ريشم جهڙا، مان ڪو سائين نود تہ ناهيان
گهاءُ رسي تو گهاري ٿئي ٿي، تڏهين مون گهبرايو آهي

ڦٽ ڦڪڙيءَ کان لهرايان ٿو، فتوائن کان مان بہ ڏڄان ٿو
ناصح! منهن جو ڏوهہ نہ آهي، مون کي نينهن نچايو آهي

پياڪ نہ آهيان مجبوري آ، دردن کي ميٽڻ ٿو چاهيان
بيوس ٿي در مئخاني جو، مون بہ اچي کڙڪايو آهي

عادت عضوو بنجي وئي آ، روز ٿو دل جو داءُ لڳايان
پيار جي جوئا ۾ هر ويلي، توڙي مون هارايو آهي

"راشد" کي مون پيار ڪرڻ کان روڪيو ۽ سمجهايو آهي
هن جو ڳن ڪهاڙيءَ ساڳيو اڳيئن کان بہ سوايو آهي

❖

چڪجي آيس آڏو مان ابرن جي اشاري ساڻ
سمجهان ٿو تہ حياتي جو آ، پرجي آيو ماڻ

منهن تي مايوسيءَ جا بادل، اڳڪٿيءَ اسباب
اکين ۾ ڏسجي ٿو اڄ طوفانن جو اهڃاڻ

روءُ نہ مُنهن جا ننڍڙا اڏڙا! ملندئي اڄ خوراڪ
آهہ وڏيري جي ڏيڏيءَ تان امڙيءَ آندو چاڻ

هن جي سک جو خيال ڪجو هو نازڪ طبيعت آهہ
مججو عيد کان بعد پرڻيءَ ڪي، موت مَنهن جي جو چاڻ

هن جهيڙي ڪي ڏسندا رهندا، ڏسندڙ حيرت ساڻ
منهن جي هٿ ۾ دل جو شيشو، تنهنجي هٿ وڏاڻ

ڪنهن ڪي تير چٽڻ جي لئہ، ٿيا گڏ آهيو اٽڃاڻ؟
منهنجي نيٽن ۾ تہ نهاريو، پسندؤ پنهنجو پاڻ

بند صبر جا پڇيو اکڙين مان ٿو اٿلي آب
سيني منهنجي ۾ آ سائين! موج پريو مهراڻ

مرڪي هن مون ڏانهن ڏنو، سڀ ڪاوڙ ٿي ڪافور
رنج رکي سگهبو ڇا راشد! سهڻن ماڻهن ساڻ

❖

جي هٿائي دل منجهان منهنجو دخل
سمجهجان فن جي مٿان ايندو اجل

پيار جو پاڻي نہ دل جي ڍنڍ ۾
ذهن موڳو ڇڻ ڪماڻو آ ڪنول

او شڪاري! شاعري ڦاسڻ ڏکي
توکي ڪهڙي ڪل تہ ڇا آهي غزل

هام منزل جي نہ هڻ، آهين تڪل
هوش رکجان! ڏينهن پڻ آهي ٽتل

عالمن جي آنهہ سنگت ڪان ڇنل
راهہ اوجهڙ جي وني ٿئين بي عمل

نيڪ سمجهان دمزني راشد نٿو
ڇا ڪيان ڏس ڏئي ويو آهي سچل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي دوست! اميدن جو ڪوڙو، ناڪام سهارو چو ٿو ڏين
مون سمجهيو آهي تسليءَ کي پڻ دام سهارو چو ٿو ڏين!

جي مرڻو آ اڳ پوءِ تہ پو، اڄ جان بچايان ڇا جي لئي
مون سوچي ڇڏيو آ پنهنجو انجام، سهارو چو ٿو ڏين

تون پياس اجهائڻ چاهين ٿو، اي ساقي جس هجئي ليڪن
آ ويتر اڄ وڌائيندو هي جام، سهارو چو ٿو ڏين

تون ديوانن جو ساٿ نہ ڏي، توکي بہ چريو چوندا ماڻهو
ٿي ويندين منهنجي صحبت مان بدنام سهارو چو ٿو ڏين

چؤ! ڪنهن ڪنهن جي ترديد ڪندين ۽ ڪهڙن کي خاموش ڪندين
هي هڪڙو آهي ڇا مون تي الزام سهارو چو ٿو ڏين

هيءَ رين نہ چين ڪرڻ ڏيندي، تون روئڻ لئہ ڇڏ راشد کي
بس موت جي گود ڪرائيندي آرام، سهارو چو ٿو ڏين

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات گھٽو پي وينو آھيان
ھاءِ چريو ٿي وينو آھيان

ڦاھين جي ترتيب سلامت
آنءُ بہ لڙڪي وينو آھيان

او سي پاسي ڇا تو ٿئي پيو
سڀ ڪجھہ سمجھي وينو آھيان

ساھي سور پٽڻ ڏي توري!
تڙڦي، ڦٿڪي وينو آھيان

سينو پنھنجو سور پرايا
سڏڪي سڏڪي وينو آھيان

سور تہ ساندڻ جھڙا آھن
واءِ ابڙڪي وينو آھيان

دنيا ڪي مون خوب سڃاتو
مان تہ مري جي وينو آھيان

دوست اڇي تہ ڏيان دم راشد!
تنھن لئہ ترسي وينو آھيان

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعارف تي ويو آ · غائبانا
ملڻ جا ڳوليان وينو بهانا

هلي آ جو عمر چڙهندي وچي تي
ويا گذري اميدن ۾ زمانا

رقيبن راه تي روڪي رکيا ڇا؟
لکيا خط مون اوهان ڏي عاشقانا

نظربازيءَ جي جيڪي مشق ڪن ٿا
خطا تن جا نه ٿيا ڪڏهين نشانا

ڪيان ٿو مان علي الاعلان محبت
جلي جڳ پيو ٻلي او جان جانا

ڪندا آخر پريںءَ ڪان داد حاصل
اهي راشد جا جذبا شاعرانا

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات اڪيلائيءَ ۾ مون کي آيا خيال انيڪ
سودائن سيني کي ساڙيو تنهنجي سڪ جي سيڪ

جي نہ بغير سهاري سگهندس آهيان مان انسان
ڌرتي يا اڀ ناهيان جن کي ڪا نہ ڪپي ڪا ٽيڪ

جِيندي ڪهڙو جهنگ ۾ جيڪا ڏڻ ڪان ٿي وئي ڏار
گدڙن جا اوناڙ هزارين، ٻڪريءَ جي هڪ ٻيڪ

آزادي بهتر آ ليڪن دل آزاري ڏوھ
خيال جي توڏن کي ٻڌ سوگهو، ڇڙندا ٽيندا ڇيڪ

پنهنجو پيٽ ڪتا ٻہ تہ پالي سگهندا آهن يار!
جيڪي جيئن ٻين جي ڪارڻ، سيئي سڄڻ نيڪ

ڪير وني سي ڪاغذ جن تي راشد جا اشعار
چو نہ ونن سي چٽڪيون جن کي چٿبو آهي ڇيڪ

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دلڙي آ نادان، چريءَ کي سؤ ڀيرا سمجهايو تم
پيار ڪرڻ کان باز نہ آئي، سمجهائي پڇتايو تم

دل ڏرتيءَ مان سک جي وڻ جون، پاڙون نيٺ ويون اکڙي
تڙپڻ ڦٿڪڻ ڀاڻ پيو آ، ڳٽين کي ڳل لايو تم

هاءِ اياڳي ۽ ننڌڪي دل تي ڪنهن جو پيار گهري
ڪيڏي ڪوشش ڪانپوءِ مس مس چوريءَ کي پرچايو تم

پنهنجي هٿن سان ڏين تہ وني مان مرڪي مرڪي زهر پيان
هونئن نہ تہ هر ڪنهن چيز مٺيءَ کي ٺوڪاري اڇلايو تم

سونهن! سندءِ احسان هئا، اڄ دل تان ٿورو بار لٿو
شعر لکيو مون شان حسن ۾، چڻ ڪو قرض چڪايو تم

دل ڌڙڪي ٿي تنهنجي آڏو ڪين ڪلي ڳالهايان ٿو
سمجهيو هوندءِ! شعر رسالي ۾ ڇا لئي ڇپرايو تم

لک ايلاز ڪري پڙهيلن کيءَ هن ڏي خط لکرايو تم
چٽني ڪندن ڪاغذ جن تي، رت سان رنگ لڳايو تم

رٺو آ روئداد انهي تي، ايڏو راڙو روڄ ٻڏي
هيڏي ساري راڄ مان راشد! ڪنهن نہ اچي پرچايو تم

❖

تنهنجي نفرت، الفت جي آ ڪاري ڪاپي
جڏهن ٿيندي صاف تہ پوندي جلد سڇاپي

ڪيئن تو سمجهيو، منهنجو تو سان پيار نہ آهي؟
ڪهڙي ماپي سان تو منهنجي محبت ماپي؟

زور نہ لايو ميٺڙ ساڻ نہ ميٺي سگهندؤ!
ڇاپ اها جا دل ڦرهيءَ تي دلبر ڇاپي

اتڪل سان باشا ۽ گولا پيو ڦيرائين
ڪيڏاري ڏين ڪيڏ سان پيو تو تاس کي ٽاپي

پڃري جو در بند ڪيو ٿئي ڪيئن تو اڏري
هاڻ پکيئڙي جا پٽ پر ۽ ڪنب نہ پاپي!

راشد ڪنهن سان ٻاڙو ٻولڻ وارو ناهي
جڏهين يار سڏيندؤ! تڏهين ايندو ٽاپي

❖

تنهنجي سڏ تي يار! ڊوڙيو تا اچون
ذهن جي اڄ واڳ موڙيو تا اچون

حالتون پنهنجون بنائي سازگار
وقت جا زنجير ٽوڙيو تا اچون

هر منافق تي ويو نابود اڄ
ٻيائيءَ جو ٻيڙو ٻوڙيو تا اچون

سک مکڻ چاٽي جيان آهي مليو
کير سورن جو ولوڙيو تا اچون

ڏئي هٿي هيٺن کي همٿايو اسان
ڏاڍ کي پوندو گهروڙيو تا اچون

جي غلاميءَ جي رسي ۾ ها ٻڌل
اڄ انهن سيني کي ڇوڙيو تا اچون

پورهيتن جا هٿ هئا پارس پٿر
واسطو تن ساڻ جوڙيو تا اچون

ڊپ نہ ڏي تڪليف جو واعظ ميان
هر مصيبت منجهہ لوڙيو تا اچون

راشدا! اڄ ديو دک جو ٿيو فنا
ڪنڌ موذيءَ جو مروڙيو تا اچون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آن آهي حصو ڳچ - ايمان جو
مان قسم تو ڪٽان ڪٽڪ جي شان جو

بک بيروزگاري ڪتي ڪانہ تي
چند تي آ قدم اڄ تہ انسان جو

هاءِ ليڙون لٽا، واءِ پنڌي اها
ڳوٺ درشن ڪيو جسم عريان جو

رئيس آڏو ڪمائيندي هاري ڏنم
سئر بنگلي ۾ تي ويو بيابان جو

هي چوريون چڪاريون، هي ڌاڙا، ڦرون
بک نوڪر بنائي تي شيطان جو

حيف آ دوستو! اهڙي اڻ هوند ڪي
ڪو پتو ناهي داناءَ، نادان جو

چا غزل راشدا! چا هي بک جون رڙيون
آ مٿو ويو ڦري چا غزل خوان جو

❖

نہ آهي رحم نيڻن جي نهارن ۾ اجا تائين
رهيا ڏرتيءَ ڏڪاٽا يرا ڏڪارن ۾ اجا تائين

گذاريون وقت سڄڻن جي تا سارن ۾ اجا تائين
اسان ماڻهو زماني جي ميارن ۾ اجا تائين

پگهر ۾ شل مڙئي پورهيت پچارن ۾ اجا تائين
نہ هڙ حاصل، هڙئي پورا، پڪارن ۾ اجا تائين

ڏسون تا روھ جون ڪونجون، قطارن ۾ اجا تائين
ٻڌي پيدا نہ تي چو آهہ مارن ۾ اجا تائين

مکن سان منهن ڏئي وڃبو، رڳو سرنهون جهلن گلڙا
نہ آهي ڪاڄ ماڪيءَ جي تہ آرن ۾ اجا تائين

ازل کان ڏنگ سهندا تا اچون پيا ذات جي بدلي
اسان جا هٿ ڏسو ڏينين جي ڏارن ۾ اجا تائين

پري منزل ڪان ڪنهن صحرا ۾ هوندو قافلو پنهنجو
رهيا غيرن سنڌا جي هٿ، مهارن ۾ اجا تائين

ڪيچون چا راشدا! تالا هي تارن ۾ اجا تائين
گذاريون تا تصور جي بهارن ۾ اجا تائين

❖

حيوانن تي لڏبو آهي، انسانن جو بار
منهنجي سر تي ڇو ٿا سٽيو احسانن جو بار

پاڙياڻپ آ ٻئي جي سر تي اڇلڻ پنهنجو بار
پنهنجي پنهنجي آهه مٿي تي مردانن ڄو بار

هڪ ٻن راتين وارو وڻندو محبت آ مهمان
سالن جا پر سال سهون ڇو مهمانن جو بار

گلدستا ڇو اڇلي ڇڏيئي، گهر جو هو سينگار
ميز تي تُنهن جي هو ڇا منهنجي گلدانن جو بار

گل کي وڻندي آ چاهيندڙ پئونرن جي پڪار
شمعن کي محسوس نٿو ٿئي پروانن جو بار

وقت جا جوڙا ڍاهن پيا ٿا، هر جا لات منات
• ڌرتيءَ تان گهٽبو ئي رهندو بتخانن جو بار

هر ڪنهن دؤر ۾ ظلم نسورو سهندي آئي سنڌ
مغلن جو، ارغونن جو ۽ ترخانن جو بار

پنهنجو سمجهڻ وارن کي ٿا ڏنگن هي واسينگ
راشد يار سهون ڇو اهڙن بيگانن جو بار

❖

پرک پيڙا پورھيتن جي دوست! ديرن تي
پو پلي ايمان آڻج تون وڏيرن تي

رات ڪان لنگھڻ تي لاھيارن جا ٻچڙا پيا لڇن
رئيس جي لئہ تيار ٿيا ڪئين طعام نيرن تي

ڏات وڪڻان؟ بات ھي، ھيھات! ڪھڙي ٿو ڪرين
ڪين ڪر افسوس منھنجي لٽن ميرن تي

اڄ وري لاکن ڪي شايد لوڙ ڪا آھي لڳل
سنج آڌيءَ جو پون ٿا ڇو وڇيرن تي

ھي بہ ڪنھن جي جگر جا ٽڪرا ھئا معصومڙا
ڏرتتي پيرن ننگا ويا ٻار ٻيرن تي

وقت جا طوفان ان ڪي ڪونہ ٿا لوڏي سگھن
قوم جا ٻيھي وڃي ٿي پنھنجي پيرن تي

وس پڄئي تان گلن کي ۽ بوءِ کي تون بند ڪر
اعتراض آ ھئي اگر پٺونرن جي پيرن تي

راشدا! چمڙا نہ آھيون جو انڌيرن سان ٿھون
پانھنجو ايمان پختو آ سويرن تي

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهر کان ٻاهر ڪونہ ٿي نڪتس سج لهڻ کان پوءِ
ڪاري رات ڪنن ۾ ڪاهيم، عشق اچڻ کان پوءِ.

نيڻن جا ڀئي جام ڀري محبوب ڪيو مدهوش
مون تي ناهہ ميار اي لوڪو! مست ٿيڻ کان پوءِ

گيتن جي گونجار تي ماڻهوءَ ڪنهن نہ ڪئي وهواه
ڏانءَ بہ ڏين ها ڏاتر مونکي، ڏات ڏيڻ کان پوءِ

سوال پڇون ٿا سياڻن کان هي، سليو يار جواب
ڇا محسوس ڪندو آ شاعر، شعر لکڻ کان پوءِ

واقعي هيٺي ٻولي هئي مون تڪجي تنجي، هاڻ
جذبا جوان ٿيا پر توسان رات رهڻ کان پوءِ

هي جي ماڻهو سست ڏسين ٿو اٿندا راشد! نيٺ
ڪير ڪري چپ وهندو، گهر کي باهہ لڳڻ کان پوءِ

❖

گهري مقصد پيو محنت، وڃايان ويل ڇا جي لئہ
اوهان سان گڏ ڏسان يارو! تماشا کيل ڇا جي لئہ

اميدون آسرا آهن امن جا، هيل ڇا جي لئہ
ڪبوتر ڇو پيو ڦٿڪي، رنا رابيل ڇا جي لئہ

نہ سنبرون ساهہ ڪو سک جو، اسان ڪيرن پٽن وارا
هجون نانگا تہ پوءِ دڙڪا ڏين ڏاڙيل ڇا جي لئہ

عقل ڏاريو ٿيو ڏاها، علم ڪي زور ونرايو
اِهي ڦاهيون، اهي ڦٽڪا، هي ٽاٽا، جيل ڇا جي لئہ

دعا مان ڪجهہ نہ ورتو آ، دوا سان درد لهڻو آ
قبر ۾ ڪجهہ بہ ڪونهي ڪو، مڙيا هي ميل ڇا جي لئہ

اڙي او خان! هي هيڏي تباهي ڇو ڪرائي ٿئي؟
گڏهہ ڍاول هٿا تنهنجا، ڪرائي پيل ڇا جي لئہ

ڪلهوڪو ڏينهن آهي جو هلايئي مور تي گولي
بڪيو ناهين تہ ٻيو ڇاهين، ٻڙي تو ٻيل ڇا جي لئہ؟

ٺلهو پاٽي ولوڙڻ سان مکڻ ملندو نہ اي راشد!
اجائي بحث مان حاصل ٿين ڪڙ تيل ڇا جي لئہ

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجي رات جاڳي عبادت ڪبي
ڪچهري رڳو سونهن بابت ڪبي

اهو آهه پنهنجو ارادو اٽل
ته هر وقت حق جي حمايت ڪبي

سندم ذهن انصاف جي سامهون
رتيءَ جي نه ڪنهن سان رعايت ڪبي

ٽڙي پيا اڱڻ تي چنبيليءَ جا گل
صبح ساڻ حاصل تراوت ڪبي

ڏوئي صاف، اجرو ڪبو سچ کي
ڏڪي دور ان تان غلاظت ڪبي

نه انصاف جي آس جنهن ۾ هجي
انهي معاشري کان بغاوت ڪبي

قدامت پرستيءَ کان پاسو ڪري
نئين صبح جي نيت زيارت ڪبي

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئون چار صياد پيو تو پکيڙي
بکيئڙا اُڏر جلد پرڙا کنڊيڙي

اسان چاڪ چولي جا، ڦاٽا سبيا تي
چڏيا ظلم جي انگهہ، بکيا اُديڙي

ڪپي ڏار هرڪو تو ڏنڊڻ جها، پر
نٿو ڏاڍ جي پاڙ ڪوئي اکيڙي

غم - عشق حضرت، غم - دؤر دنيا
خيالن مغز ۾ چڏي جنگ چيڙي

اسان ذات کي رات رت ۾ رڱيو آ
هو چا لئي تو ميندي۽ سندا كيت كيڙي

مٿان هنج! هيڙهو حڪم تو هلائي!
مُنو مور، ملڪيت پيو ڪاڻ۽ ميڙي

نہ ڦاهي۽ ۾ ڦاسي ها راشد! ڪو ساٿي
ولر جي مٿو آ اڏامڻ اويڙي

❖

چوپلا حق جو هوڪو هوري ڏجي
ٻالهہ جا چوڻ جي آ سا چوري ڏجي

دل چوي ٿي تہ اڄ ڪيچ ڏي ڪاهجي
ڏاڍ ڏونگر سان منهن هاڻ، ڏوري ڏجي

هو پنهل ويو هليو، هاڻ هن جي پنيان
باهہ پنيور کي چو نہ سوري ڏجي

سوب حاصل ڪرڻ لاءِ چارڻ ميان!
جي مٿو ماڻ آهي تہ توري ڏجي

آهہ ٻيجل ڪٿي؟ سر گهري زر چڏي
ڪو مگٽهار ٿئي، ڪنڌ ڪوري ڏجي.

راشدا سونهن جي ناںءُ تان سر فدا
جي حسن کي کپي سر بہ گهوري ڏجي

❖

سڄو آس دل جي سمهاري ڇڏي مون
سڄي رات رئندي گذاري ڇڏي مون

دنيا جي ڏکن ۾، ٻچن جي ٻڪن ۾
تنهنجي ياد آخر وساري ڇڏي مون

ڪُنن ڏانهن ڪشتي سوا نا خدا جي
الائي تہ ڪنهن جي سهاري ڇڏي مون

ٿڪي ٿو پوان خوب حيلا هلائي
مگر پو بہ همت نہ هاري ڇڏي مون

جيئڻ لاءِ جڳ ۾ ۽ ڪندن ٿيڻ لئہ
پنهنجي دل جي جذبات ماري ڇڏي مون

غريبت ڪان وڌ ٻي مصيبت نہ راشد!
عمر آهي ڳڻتين ۾ ڳاري ڇڏي مون

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيئن دل آ مصيبت ۾ مددگار کان محروم
جيئن ٻار نڌڻڪو تو رهي پيار کان محروم

هن دور خزان ۾ آ بدلجي ويو زمانو
گل بوءِ کان، بلبل ٿي گلزار کان محروم

ڪونروءَ جي مڪر کي ڏسو، ليلان جي عقل کي
هي هار کان محروم، هو پيار کان محروم

آ عشق سچو جن جو اهي تار ترن ٿا
سهڻي ته نه ٿي مرڻ سان، ميهار کان محروم

هر ڳوٺ ڳليءَ ۾ ته هٿان سئن تو سر جي
مان منگتو سو، آهه جو ڏاتار کان محروم

اي دوست! خوشين لاءِ غمن جو به مزو چڪ
افسوس! تئين عشق جي آزار کان محروم

ماڻهن تي چيو ڪالهه، ڏسي حال هي منهنجو
ڪو يار تئي شال نه ڪنهن يار کان محروم

سا قوم غلاميءَ ۾ سدا پيڙبي راشد!
جا قوم تئي ٿي سٺي ڪردار کان محروم

❖

جني کي دنيا ۾ تباهي ملي
تني کي تہ آ بادشاهي ملي

ڏنا ڪين، جيڪي هئا حق تي
قبوليائون مرڪي جي ڦاهي ملي

اها آزمائش بہ ڏس، ڏي ٽپو!
اگر ٿهڪندڙ آ ڪٽاهي ملي

ٿيو ساٿيو خوش، اسان کي ميان
وطن جي حفاظت، سپاهي ملي

امر راتڙي پيار جي گهاربي
اگر جنگ جهيڙي کان ساهي ملي

هنن کي هزارين ڏيا فائدو
لکن جي مون کي ذات ڏاهي ملي

مڃن ٿا تہ راشد هئو حق تي
ڇڳو ٿيو سزا بي گناهي ملي

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار ڪرڻ ۾ عمر وڃايم
پرت پرائي راس نہ آيم

ٻوڙي دنيا ڪين ٻڌي تي
گيت الا ئي ڪنهن لئي ڳايم

جيڪي جن نہ ڪن، انهن کي
دلڙي ڏيئي درد پرايم

ڪهڙا ڪهڙا پور پچايم
ڪهڙا ڪهڙا سانگ رچايم

اورڻ سان ويتر اڳرا ٿيا
بيدردن کي درد ٻڌايم

رئندي ساري رات ختم ٿي
ڪنهن جي لئي هي لڙڪ وهايم

ڳالهہ انهي تي آه فخر جو
پاڻ رنم پر، ٻيا پرچايم

لوڪ سمهي ڪئي ننڊ مزي سان
راشد! جاڳي شعر نهايم

گذري ويندي جيئن تيئن آخر، تنها ٿيءَ جي رات
اندر آڳينيءَ وانگر ۽ اکڙين ۾ برسات

سارو جڳ وسري سگهندو، وسري نہ سڄڻ جي ياد
سوپل مُنهن جي لاءِ ڪفر، جنهن پل نہ پرين جي تات

منهنجي دل مضبوط جڳهہ آ تنهن جي رهڻ جي لاءِ
دنيا وارن بہ وسايا پر نہ ٽٽي محلات

مايوسي ۽ ناڪامي ڪانهي ڪا منهنجي ڪاڻ
ڪوشش ڪاميابيءَ جي ڪنجي، بدلي آ حالات

چاڻ ختم ٿي، ڏک جي ڏائڻ ڪاري ڪاري رات
چاڻ سکن جو سج اڀريو جو پسجي پٽي پربات

مرڪي پوندس راشد تڏهين فاتح سمجهي ذات
آجي اهنجن کان ٿي ويندي انسانن جي ذات

❖

تي درد ڏنا دنيا وارن، دنيا وارن کي گيت ڏنم
جي زهر غمن جو آهہ زماني آندو، هڪڙي ڳيت ڏنم

سچ سوچڻ بدلي سور مليا ۽ پيار جي عيوض پور مليا
اي سنڌو! سانير تئي؟ توکي ڪهڙا نہ سنا سنگيت ڏنم

مون مرڪي مرڪي موت قبوليو. تاهہ غلاميءَ سان نہ ڪيم
مون هار قبولي هيج منجهان، پر ساري جڳ کي جيت ڏنم

نئون دؤر نمونو نئون آندم، جو ساهہ ڏئي ويساهہ ڏنم
انسانن جي آزاديءَ لئي، نئين رت ڏنم، نئين ريت ڏنم

آ سونهن جي ديويءَ خاطر دل جو رت ڏنو مون ست ڏنو
ڏس! ڪهڙا سهڻا سهڻا ساٿي ڪهڙا من جا ميت ڏنم

ڪجهہ پيچري جون تيليون بہ ٽُٽيون، ڪجهہ ڪنب پيجي پيا اي راشد
محبوب! ميارون ڏي نہ مون کي، ڏس! اڏرڻ لئي پڙڪي تہ ڏنم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي سجڻ ڇا ٿو پڇين، ڪيئن سوڳوارن عيد ڪئي
ڪنهن ٻڌو آهي تہ ڪڏهين، درد وارن عيد ڪئي

عيد ڪارڊ دوستن ڪان، ڪئين مليا آهن مون کي
سمجهجي ٿو مون سوا، مڙني پيارن عيد ڪئي

گهر جي در تي ئي مٿو ٽيڪي گذاريم راتڙي
منهنجي گهر مهمان ٿي آ، انتظارن عيد ڪئي

ديس منهنجي جي غريبيءَ جو ٻڌو ھي داستان
لولڙي لئي لکن ليلايو، هزارن عيد ڪئي

اڄ بہ بنگلي تي ڪمائي ٿو پيو ڪوڙر ڏٽي
رئيس جي تي عيد، ڇڻ هاريءَ جي ٻارن عيد ڪئي

پيٽ بکئي سان سٺا، پورهيت جا ٻچڙا هاءِ هاءِ!
ڏور ڳاهي ڪالهہ ويا، چورن چڪارن عيد ڪئي

عيد ڳاهن ۾ ٿيا احساس زخمي راشدا
مفلسن کي خير ڏيئي مالدارن عيد ڪئي

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري جي ڪو شمعن جلائڻ جي ڪوشش
نہ پرواہ ڪن ڪوڙ، ڪامڻ جي ڪوشش

نہ آ تيل تا، رت ٻاري سگهان ٿو
ڪرين ٿو ڏئا ڇو، اجهامڻ جي ڪوشش؟

پکي! تنهنجي جذبي تان قربان وڃجي
پڃل ڪنيڙاتيون، اڏامڻ جي ڪوشش!

صبح ڪان اڳي ڪجھ ڪرڻ ڏي اسان کي
نہ ڪر رات جلدي وهامڻ جي ڪوشش!

آتو! وقت هاٿي عمل جو اچي ويو
نہ سڪتا ڪُنا ڪن اُيامڻ جي ڪوشش

وري ووٽ جي لئي وڏيرا وري پيا
ڪري پيو تو هرڪو اگهامڻ جي ڪوشش

اجان اڳيرو تي، سري سير راشد!
رهي مچ کي تي وسامڻ جي ڪوشش

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي جي ٻيرن تي ڏئي ٻير
هلندين، ٻئجي ويندءِ هير

جهڙي تهڙي پنهنجي جوت
ٻار ٻتي! تي آ منهن مير

ٻيرن ڪان تون ٻير نہ گهر
ٻيرين مان ڇڻ ڳاڙها ٻير

ٻيارن جي وک ٻڌري آهہ
ڄاڻان ٻڻ ٻٽڪن جا ٻير

ڏاريو آخر ڏاريو آهہ
کهڙو ڏڍ ڏکيءَ جو ڏير

کهڙا کهڙا ڏک ڏسيانءِ
چريٽ راڄا جا انڌير

سارو آهي نند سماج
ذات اٽاريو آهہ سوير

ٻيهر ڇڻ او جيجل ماءُ!
دودي جهڙا مڙس دلير

راشد! تنهنجا شعر هزار
ڦاٽا ٻيا ها ٻٽ تي ڍير

❖

اڳ پاڻ پلين ها، نڪي منزل ۾ چڙين ها
بهتر تہ ائين هو تہ اول ساٿ نہ ڏين ها

گفتار جا غازي گهڻا، ڪردار جو ڪونهي
رفتار ۾ اي يار! ائين سست نہ ٿين ها

انسان اهو آهہ جو معراج کي ماڻي
ڪنهن ڏور تڪل وانگيان ڏرڪي نہ پوين ها

ڪو سيڪ سهي ڪونہ سگهئين، سرت ڇڏي ويئي؛
هن سيءَ ۾ سڪل قوم لئي، ٻارڻ ٿي ٻرين ها

ڪا آڻ مڃين ها نہ ڪڏهن ڪاڻ ڪڍين ها
مرڻو تہ هونئن ئي آهہ، ٿي منصور مرين ها

سڪ لاءِ ڇڏيئي ساٿ، سڄو سنگ لڄايئي
ساميءَ اندر سامي! وڃين آرام ڪرين ها

ڪا ڳالهہ اگر منهنجي، پسند ڪانہ هئي توکي
راشد سان رسين ها ڀلي، سنڌ سان نہ رسين ها

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آ نياڻ لازمي، جي لائجي
پيار جي تي پئي تہ چو پڇتائجي

زندگي بي بندگي، شرمندگي
سونهن آڏو سيس ڪي نوڙائجي

زندگي، زنده دليءَ جو نانءُ آ
چو مصيبت کان ڀلا لڙائجي

ڇا نہ آ ڳاڙهن گلابن سونهن ڪئي
چؤطرف ڳاڙهاڻ ڪي ڦهلائجي

عشق عزرائيل آ، تا ڀل اچي
موت مٺو ناهہ، چو گهبرائجي

آ اٿلٺو عشق ڪي درياهہ تي
جي ڪنارو روڪ ٿئي تا پائجي

پيار جا ويري ڀلي جلندا رهن
جو چڙي، تنهن کي ڀلي چيڙائجي

راشدا! مقصد اگر ماڻڻ گهرو
عيش عشرت هر خوشي ٺڪرائجي

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيال پر پائي پنهنجو اُڏاڻو
ڪل نہ آهي تہ ڪاٿي تڪاڻو

ڪوئي طوفان آيو وري ڇا؟
ديپ آڌيءَ جو ڇالئہ اُجهاڻو

ننڊ آئي مزي سان ڇپر تي
ٻانهن منهنجي ڪئي تو وهاڻو

ياد ماضيءَ جي منڇر تي اُٿلي
ڪو غزل ڳائجي پيو پراڻو

منهنجو ارڏو تبسم لٽي ويو
تنهنجو معصوم چهرو نماڻو

مان تہ هڪڙي پنهل کي ئي ڄاڻان
مون کان ڪهڙو ڪيو تا پڇاڻو

ڇا هو ڪينجهر بہ ڪنجوس ٿي پئي؟
ڇو ڪنڌيءَ تي ڪنول گل ڪماڻو

درد جنديءَ تي چاڙهي ڇڏيو تو
ذهن وٽندڙ ۽ سهٽو ڇڻاڻو

تو ڪئي پنهنجي جهولي ڪشادي
هونئن تہ راشد هو ذرتيءَ ڏڪاڻو

سچ آ منزل منهنجي سونهن وسيلو آهي
هوڏ ڇڏي تو ڪاتي عشق هنيلو آهي

جو ڪجھ پردي ۾ آهي سو ظاهر ٿيندو
سائنس موضوع آ استاد گليلو آهي

ڏات ۾ ڏاهپ سان هن ڪي ريجهايون ويٺا
جنهن ڪي حق سچ چئو تا سو شرميلو آهي

شعر منهنجي تي ٽڙڦي، ڦٿڪي، وٺ تو ڪائي
پيٽ وڏيري جي ۾ ڪهڙو ويلو آهي

ناڪاميءَ تي ناڪاميءَ ڪي سهبو رهبو
پو بہ حياتي ساري ڪرٽو حيلو آهي

جاڻ جو جام تي جام پيان ٿو مست ٿيان ٿو
راشد! رنگ حقيقت جو تہ نشيلو آهي

❖

وقت ضايع ڇو سهڻا! سنهري ڪيون
اڄ تہ ويهي ڪا ڪم جي ڪچهري ڪيون

سست ٿي سيگهہ ۾ ڇو سويلو سمهون
ڪرت پوري ڪري ننڊ گهري ڪيون

پانهنجي لئي ڏچو جو ٽيو سو ٽيو
دور ديسين مٿان شل ڪُمهري ڪيون

بار هڪ لئي پري ۽ گهڻن لئي سمر
سڀ ڪني واهڻي توڙي شهري ڪيون

پاڻ عضوا هڏاوان اڳيانئن ڏئي
هي مڏا ڏاڍ جا ڪات ٿهري ڪيون

هي جهرڪيون، هي ڳيرا، ڪبوتر مڙئي
راشدا! سات ڏئي باز بحري ڪيون

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر ستم سر تي سهي، تو سان نباهيندس پيو
جيسين دم ۾ آهه دم، مان توکي چاهيندس پيو

تنهنجي صورت سان اڳوڻيءَ، جيسين هيءَ مورت ملي
تيستائين مان سنڌءِ تصوير ناهيندس پيو

تنهنجو دشمن ڪيترو اعليٰ هجي، اتڪي پوان
تنهنجي ويريءَ کي وڏي هر وار ڍاهيندس پيو

ناز پنهنجي نوجوانيءَ تي اٿم، ناهيان نبل
سونهن جي ويرين سان سينو روز ساهيندس پيو

ننگ ۽ ناموس ويو، سرآهه سو صدقي ڪبو
سنڌ ماتا! آنءَ تنهنجو قرض لاهيندس پيو

جيستائين آن خوشين جو، بهه ڏکن کان ٿئي جدا
تيستائين ڳٽين جو ڳاهه ڳاهيندس پيو

هار ڪائي راشدا! حملي ۾ ڪيئن پنتي هٽان
ڪوڙ جي ڪٽڪن تي بنجي قهر ڪاهِيندس پيو

سڪيو رستو نہ آھي سر سھائڻ جو سنڀالي ھل
پڇائين پنڌ ٿو جي پيچ پائڻ جو سنڀالي ھل

نہ جنھن ۾ حادثا آھن، اھا آ زندگي ڪھڙي
نہ تو ۾ آھہ معدو چوٽ کائڻ جو سنڀالي ھل

ڏکي الفت جي آھي واٽ، ان ۾ ڪيترا خطرا
سٽائو ناھہ سودو، دل لڳائڻ جو، سنڀالي ھل

اگر ھي مال دولت ۽ عزت ناموس پيارو ٿئي
نہ تو کي آھہ حق عاشق سڏائڻ جو سنڀالي ھل

مصيبت کان اگر ڊڄندين، تہ پوءِ مشتاق ڪيئن چئبين
ڊڄڻ رستو اٿئي خلقن کلائڻ جو سنڀالي ھل

قرب ۾ جيڪڏھن ڌڪا ڪس لڳي تہ بہ ھر قدم اڳتي
طريقو آھہ راشد! رس رھائڻ جو، سنڀالي ھل

توڙي جو پاڻُ تو وٽ قابو بہ سمجھندا ها
عاشق غريب تنھنجو جادو بہ سمجھندا ها

ارڙي عُمرَ انھن کي بيوس ھُيو بڻايو
نہ تہ ڦوگِ جي فڪر کي مارو بہ سمجھندا ها

هِن ڳوٺ جا چڱيءَ پَرِ هُن کي سُڃاڻندا ها
ياڻوُ بہ ڄاڻندا، هڙ ڪاڻو بہ سمجھندا ها

خدشو هُينِ تہ اڄ پڻ واپس اچي سگھي ٿي
سهڻيءَ کي ساهري گھرِ، تارُو بہ سمجھندا ها

اِنَ خام فسلفي ۾ ڪا فارسي ڪٿي هُئي
اِنَ ڳالهہ کي تہ ناڪُو يارُو بہ سمجھندا ها

هٿ ۾ قرآن ڪَڇَ ۾ چاقو بہ سمجھندا ها
نيت بُريءَ کي سادا ماڻهو بہ سمجھندا ها

مارڻ ٻَري جي ڳالهہ آ، ملڪيت نٿي ڦُريائون
نياڻيءَ جو شانُ سنڌ جا ڌاڪو بہ سمجھندا ها

فڪر - لطيف اڄ جو سمجھن نٿا پيا راشد
وارث، بُلا، فريدڻ، باهُو بہ سمجھندا ها

❖

پيار مليو جي ڪين تہ جواني ڪهڙي ڪم جي
هوءَ جي مُنهن جي ٿي نہ تہ جواني ڪهڙي ڪم جي

بد نظرون پاپين جون پنهنجي پيار تي آهن
سڀ نہ ڪيم نابين تہ جواني ڪهڙي ڪم جي

سانگين جي سڏ ساڻ پڙاڏو ٿي گونجان ٿو
جي نہ مِڙيا مسڪين تہ جواني ڪهڙي ڪم جي

غم وارن جو غم ٽارڻ لئہ آيو آهيان
خوش نہ ٿيا غمگين تہ جواني ڪهڙي ڪم جي

ساز سڙين جِي پريل محفل ۾ او ساٿي!
جي نہ ڪيم توهين تہ جواني ڪهڙي ڪم جي

پيار ڪرڻ وارن جي لئہ اي راشد سائين
ٿي وئي تنگ زمين تہ جواني ڪهڙي ڪم جي

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قول ورچيا بهارَ هُر پيري
ٻاگ پنهنجي ۾ خار، هر پيري

سهڻي سيني مٿان قبا سهڻا
خوش ٿي وريا زوار هر پيري

هاءِ قسمت اٻوجهه ماڻهن جي
چونڊجي ويا غدار هر پيري

هاڻ سمجهان تو مُلڪ ٻوڙيندا
سمنڊ! تُنهنجا ٻخار هر پيري

وار رُخسار سان ٿا ڪينچل ڪن
ڏِسُ تہ شيدين جا ٻار هر پيري

لوڏي انسانيت کي ڇڏيو آ
تر جي ڪاري ڏڪار هر پيري

ڪيڏي ظالم اڳيان هجن پوءِ ٻہ
سچ چوندا سچار هر پيري

تحفو تو لئہ خريد جي نہ سگهيو
پوري ٿي وئي پگهار هر پيري

ربجَ راشد ڏين ٿا چاتيءَ کي
پنهنجي نيڻن جا نار هر پيري

هڪ نظر هيڏانهن پيِ، آسائتن مان آهيان
ڏِسُ پرين تنهنجي پُراڻن عاشقن مان آهيان

وندُ ڏي پينار ڪيِ، درڪار آ ديدار جي
سُونهن جي سرڪار! مان پيِ سائلن مان آهيان

دل هٿئون مجبور ٿي واپس وڃان ٿو اوڏهون
ڪالهہ ڪالهوڙي اٿيو، جنهن انجمن مان آهيان

ڪو زمانو هو جو گلڙن ساڻ گڏجاڻي ڪيم
اڄ سرءُ جي واءَ ۾ ڇاڻيل پنن مان آهيان

بين سان گڏ ئي پيو هان چڙ تہ مانگر پيٽ ۾
مان بہ هڪڙو مورڙي جي پائرن مان آهيان

ڇا تو سمجهيو آهہ، اهڙين نيستيءَ جي ننڊ ۾؟
جو ٿئي پيو تو ڏسان ٿو، جاڳندن مان آهيان

درد مندن لاءِ دل ۾ جاءِ مون جوڙي رکي
جو تہ گذريو مان بہ ڏکرن ڌڪڙن مان آهيان

ڏسُ ڏيو تدريس جو ڪاٿي عمل آهي ڇڱو؟
آنءُ گهرُجائو علم جو طالبن مان آهيان

تيءَ جي حق کي سڃاڻان ٿو نہ تون مايوس ٿي
سنڌ ماتا جي حلالي وارثن مان آهيان

ڳالهہ ڪا رجعت پرستيءَ جي نٿو راشد ڪيان
جو تہ مان ترقي پسندن شاعرن مان آهيان

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل کي آتت ڪارگر ڏيٺو پيو
تُنهن جي محلي جو چڪر ڏيٺو پيو

دل جي سوداگر کي سر ڏيئي چڙيم
مون کي سوديِ ۾ اُتر ڏيٺو پيو

چا تہ مهمانن جي بدحالي هُئي
ميزبان کي، کين گهر ڏيٺو پيو

شهر ۾ راڪاس جا واڪا ٻُڌي
سج لٿي ئي پنهنجو در ڏيٺو پيو

محبتن جي مَٹ گهرن ماڻهن اڳيان
ماڻهپي تي ليڪچر ڏيٺو پيو

ڪنهنکي گولي ڪنهن کي گل گهربل هئا
هٿ تان هر ڪنهن کي وکر ڏيٺو پيو

مئڪدي مان ڪو وني مئڪش اچو
چو تہ شاهد معتبر ڏيٺو پيو

پڙهندي پڙهندي نند وئي راشد ڪچي
پيار کي پويون پهر ڏيٺو پيو

ڪجهہ مُنهنجي خطن جا ورق هُيا، ڪجهہ تصويرن جا پُرزا ها
محبوب گهٽيءَ ۾ اڇليا تو، ڄڻ منهنجي جگر جا ٽڪرا ها

هت هجر جي لمبي رات پرين، تڪليف جو باعث بڻجي وئي
هَت گيت، خوشيءَ جا گونجيا پئي، ۽ رات سڄي ئي سهرا ها

سُرهاڻ ۽ چاندوڪي منهنجون ڪمزوري هوندي ڪين وٺيون
تنهائيءَ ۾ ڪو مزو نہ مليو نہ تہ گل قل ڪيڏا ٽڙيا ها

هَو ڳاڙهو وڳو بُت تي اوڍيل ۽ سورنهن ئي سينگار ڪيل
جنهن وقت جنازي تي آئين، هَٿ تُنهنجا مينديءَ رتڙا ها

مون هار اوهان ڪي پاتا ها، تو منهنجي تربت تي آندا
اڄ تنهنجي هٿن ۾ گلڙا هِن، ڪلهہ منهنجي هٿن ۾ گلڙا ها

جو ٿيٽو هَو سو تي گذريو، باقي تہ وڃي يادون رهنديون
ها گيت اُتي ڳايا راشد، جِت سهٽا ماٿهو مِڙيا ها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالهه دلڙيءَ جا زخم پيهر ڪُريا جيڪي ٻه ها
تو رکيو تن تي ملم هَو، ڦٽَ جُهريا جيڪي ٻه ها

هر ڪنهين واڪي پُنيان لبيڪ چَئي پهتس پئي
سڌ پڙاڏا ٿِي مُنهن جي ڪَنَ ۾ پُريا جيڪي ٻه ها

پاڻ جي ڊيريءَ ڪي اڄ تيلي ڏئي ساڙيان پيو
تنهنجي منهنجي ويڙهه لئه چيٽا پُريا جيڪي ٻه ها

اڄ مهانگائيءَ ڪي مُنهن ڏيندي ٿيا ٿن حال چا
سُونهن وارا ڪالهه گلڙن ۾ تُريا جيڪي ٻه ها

هاڻِ سيئي پاڻَ ڦورُو ٿي پيا ماٺهو ڦُرن
واٽ ويندي اوچتو ڦورن ڦريا جيڪي ٻه ها

سال گذريا تہ ٻه سلامت اڄ ٻه ساڳيائي نوان
منهنجي دل تي دلربا تو چِٽَ چُريا جيڪي ٻه ها

موڪلاڻي آخري محبوب ماڻهن سان ڪجي
راشدا سيئي سڌايم دل گُهريا جيڪي ٻه ها

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تُنهنجي اٿهوند عاشق ڪي، ستائي تي نٿو سمجهين؟
جُدائي موت ڪنديءَ تي پُڄائي تي نٿو سمجهين

ڏِئي جي قِرب جو ذرڙو ڪڏهن ڪا ڏِرِ رحم آڻي
انهي جي عيوضي ڪيڏو سَهائي تي نٿو سمجهين

پنهنجي مُنهن پاڻ ڳوڙها پي، وري خوش خوش زماني سان
پرين جذبن کي دل ڪيڏو لڪائي تي، نٿو سمجهين

نہ چاهيندي بہ اوڪو واقعو ڪو رُونما ٿيندو
جواني پيچرا تُنهن جا پُڄائي تي، نٿو سمجهين

حياتي هيتري سارِي گذر تي وَئي غلاميءَ ۾
زمانو، ”بيوسي“ مون تي ڪلائي تي نٿو سمجهين

غزل کي غور سان پڙهندين تہ معنيٰ سمجهہ ۾ ايندءِ
اها بي توجهي تُنهن جي ڏڪائي تي نٿو سمجهين

اڄي مون ساڻ جي گڏجين، سهان مان توڪَ ڇو ڪنهن جي
دنيا ايذاءُ. راشد کي رَسائي تي نٿو سمجهين

❖

نينهن وارن لئہ نازڪ لبڙن مان نڪتل نعمت ڳالهيون
برهہ جي بيمارن لئہ تُنهن جون چئن، سُڪون، فرحت ڳالهيون

ٻُڌيون تئي تہ ٻُڌي وٺ مون کان، پوءِ متان پڇتاءُ ڪرين
تون تہ قبر تي ايندين ليڪن، ڪانہ ڪندي تربت ڳالهيون

جن بہ انا جي قيد ۾ پنهنجو پاڻ کي آهي بند ڪيو
توکي ڪابہ نہ آهہ خبر ڪهڙيون تي ڪري خلقت ڳالهيون

هن جي آڏو وينا آهن، گوڏا ڪوڙيو ڪوڙ پڙهيل
ها پر ڪيئن مڃان مان بزرگ! مافوق الفطرت ڳالهيون

ڳالهہ ختم ڪر اٿ تہ اٿون، هِت ايندڙ ويندڙ چا چوندا
پاڻ ٻنهي تي آئينديون، مان سمجهان ٿو تهمت ڳالهيون

ڪير ڏسي آيو آ جنهن کان پاڻ هلي معلوم ڪيون
خوف ۽ لالچ واريون آهن جهنم ۽ جنت، ڳالهيون

ڳالهائيندو ره اي جاني، گهورَ وڃان هر گفتي تان
مون جهڙي موڳي ۽ منجهيل کي ڏيئي ويندون مت ڳالهيون

ائين تہ اياڻا ممڪن ناهي، گهرَ ويني کو ڪاڄُ سَري
آزاديءَ جون ٻُڌ تہ ٻُڌايان، خون ۾ تئي لت پت ڳالهيون.

بند زبان، خاموش لبن جي ماٺ بہ معنيٰ واري آ
راشد يار پڙهان ٿو پيو مان اکڙين مان البت ڳالهيون

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شل جَهڪِي ٿئي نہ جذبات جي روشني
چاهُ ڇڻ چوڏهين رات جي روشني

اي پرين جيڪي توڪان عطائون ٿيون
منهنجي گهر آ تبرڪات جي روشني

هاءِ حسرت سان وينو ڏسان ٻاٽ مان
سامهون آهہ محلات جي روشني

رات ڪاري بہ وارو وڃائي وئي
نيٺ ظاهر ٿي پريات جي روشني

هُو تہ ظاهر ۾ نابين ماڻهو هُيو
هُن جي اندر هُئي تاتِ جي روشني

منهنجا جذبا اُجاري وئي جهٽ اندر
تُنهنجي هِڪڙِي ملاقات جي روشني

جڳ ساري کي روشن ڪري ٿي سگهي
منهنجي محبوب جي ذات جي روشني

راشدا خوش نصيبي آ، انڌير ۾
رهبري ٿِي ڪري ڏات جي روشني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر خوشي پڙڪو ڏئي اُڏري وئي
زندگي پڙڪو ڏئي اُڏري وَئي

اڄ وري ماريءَ جي مَنَ ۾ ميرُ هَو
ڪُونجڙِي پڙڪو ڏئي اُڏري وئي

مون اجهان گهُوري هَو چوريءَ کي ڏٺو
چنگچي پڙڪو ڏئي اُڏري وئي

لالچي يارن جي ياري ٿِي ختم
دوستي پڙڪو ڏئي اڏري وئي

چِپَ پِيريءَ جِي اچي سِرَ تي پَئي
دل لڳي پڙڪو ڏئي اڏري وئي

باغ دل جي ۾ خزان واسو ڪيو
تازگي پڙڪو ڏئي اڏري وئي

خيالُ قبضي ۾ نٿو راشد رهي
شاعري پڙڪو ڏئي اڏري وئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي طرفان طبع پُرسي ٿي وئي
سهپ جي طاقت گهٽو اُيري وئي

عشق حضرت جِي غلامي پٽي پلئه
۽ ڪسي آزادگي ورتي وئي

هُنَ صِرف هڪڙو دفعو مُرڪي ڏنو
سچ تہ منهنجي زندگي سُڌري وئي

رات ساري جاڳندي گذري وئي
شاعريءَ سان ڏائري ڀرجي وئي

پيارُ اهڙي چيز آ جنهن جي ڪري
نفرتن جي پاڙئي پٽجي وئي

سونهن سِرَ تي ٻاجهہ جو هٿُ ڦيريو
دلِ ۾ نياري جوت آ جرڪي وئي

ساپيان ۾ شال ساڳي ڪارِ ٿئي
خواب ۾ مون ساڻ هُوءَ ٻڪجي وئي

الوداع راشد ڪيون ٿا ساٿ سان
زندگي اِن موڙ تي پهچي وئي

خوش رہ خوش ڪردار بنائڻ وارن سان
الفت کي آذار بنائڻ وارن سان

پنهنجي سنگت قائم رهندي ڪيئن آخر
شيطانن کي يار بنائڻ وارن سان

ناتا رشتا ڪاتا ڪرٽا ئي پوندا
نظريا لچڪيدار بنائڻ وارن سان

بحث جي ڪا گنجائش ڪانہ رهي آهي
جاهل کي اوتار بنائڻ وارن سان

اخلاقي قدرن جي ڪهڙي ڳالھ ڪجي
پئسي کي معيار بنائڻ وارن سان

صوفي آهيون پنهنجي پوندي ڪانهي ڪا
مذهب کي تڪرار بنائڻ وارن سان

راشد هر جاکوڙ ۾ شامل رهنداسين
سونهن پريو سنسار بنائڻ وارن سان

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچرج ۾ اگهُ وانگيان آهي، دنيا ساري جيئن جو تيئن
قائم دائم آهي دلبر! پنهنجي ياري جيئن جو تيئن

ڪا گهٽتائي ويڙهه ۾ ڪانهي، سونهن سدائين قاتل آ
ساڳي هُن جي اک ۾ آهي، تيز ڪٽاري جيئن جو تيئن

ڪِيئن چئجي هِنَ قوم سُڌاري طرف وڌڻ جي واٽ وتي
رِيت اُهائي جارِي آهي ڪاروڪاري جيئن جو تيئن

صديون گذريون پو بہ اجان تبديل نہ ٿي تقدير سندس
قيد غلاميءَ جي ۾ آهي، سنڌ جي نارِي جيئن جو تيئن

ڪابہ رعايت رئيس ڏيڻ جي لاءِ تيار نہ آهي اجان
اڄ بہ اُهوئي لوڙي پيو ٿو بيگر هاري جيئن جو تيئن

ٽولي جا همراهہ سيئي ويساهُ رکون ٿا هِڪَ ٻئي تي
راند ۾ رهٽو آهي اسان جو پاسو ڀارِي جيئن جو تيئن

محب شيدي ڪَئين آيا، پنهنجو وارو وڄائي ويندا رهيا
سنڌ جي نقشي تي آهي مضبوط مٽياري جيئن جو تيئن

جهڙس ڪو پيدا نہ ٿيو، ڪو هُن جي منزل کي نہ رَسيو
زنده آهي دادوءَ ۾ استاد بخاري جيئن جو تيئن

راتو ڏينهان راشد سائين! ويڙهہ وِڙهي پئي جذبي سان
اولهہ اوير ڏکڻ اتر، ڏات سگهاري جيئن جو تيئن

❖

اوهان ڪان پوءِ اک ڪنهن سان اڙائڻ تي نہ ٿي دل چئي
زلف جو ٿي پيس قيدي، ڇڏائڻ تي نٿي دل چئي

تعلق ٿي ويو آ هِنَ گهٽيءَ سان غير معمولي
ٻئي ڪنهن چونڪ سان ناتو وڌائڻ تي نہ ٿي دل چئي

ڪڏهن هُن ٻاجهہ سان ويهي منجهن تي آڱريون ڦيريون
وڌي ويا وار هيڪاندا ڪَٽائڻ تي نہ ٿي دل چئي

بريزر مان ڪڍي ڏنئين منجهس خوشبوءِ آ ڪيڏي
گهرج هوندي بہ نوٽ ههڙو کپائڻ تي نہ ٿي دل چئي

خوشيون جيڪي هيون مون وٽ وندي ورچي ڏنم سڀ کي
وٽن ٿا درد ايڏا جو ورهائڻ تي نہ ٿي دل چئي

اِهو آ وات ڦاٽوڙو پڙهو ڏيندو آ پاڙن ۾
اَنهي.ڪي راز جون ڳالهيون ٻُڌائڻ تي نہ ٿي دل چئي

حُسن سرڪار سِرَ گهورڻ جي فرمائش ڪئي راشد
مِنو آ ساهُ ڏاڍو پر لنوائڻ تي نٿي دل چئي

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چو نہ لڙڪيل ان جو هردم ساهُ سُوريءَ تي هجي
پڄ انهي ڪان جنهن جو دلبر يارُ دوريءَ تي هُجي

ويم ويلي حال ڇا هوندو انهي ناريءَ سندو
جنهن جي گهر اٿهوند ۽ وَرُ مزوريءَ تي هجي

ڪم بہ اهڙو ڇو ڪجي جنهن ساڻ جوکو جانِ جو
خوف ڪاريءَ تي ئي طاري، پوءِ نہ پُوريءَ تي هجي

ريس ان سان ڪير ۽ ڪهڙي طرح سگهندي ڪري
جام جو جذهين تہ پورو ناز نوريءَ تي هجي

پورُ مانيءَ جو رُکو تنهن کي وٽِي سگهندو بہ ڪيئن
جنهن ڇَتونءَ پاليل جو هر دم چاهُ چُوريءَ تي هجي

چو چڪيو پيا تا ڪڙهائي گوشت ڏي مسڪين کي
جنهن ڪيو گذران ميهي، مرچ، مُوريءَ تي هجي

مِهر جا راشد وسن پيا مِينهن مارن مُلڪ تي
شل سُڪر دائم ۽ قائم پُونءِ سموريءَ تي هجي

❖

هِتان ڪونہ سَهِبو گُذر ڪنهن ٻئي جو
هِي تَرُ آهہ منهنجو نہ گهَرُ ڪنهن ٻئي جو

انهي يار جو پروسو آهہ ڪهڙو
پَهَرُ آهِہ منهنجو پَهَرُ ڪنهن ٻئي جو

گهَڙِي پَلڪَ وندر جو باعث بڻيو هَو
مليو راهَ ۾ همسفر ڪنهن ٻئي جو

منهنجي ليڪچر ڪان متاثر بہ ڪيئن ٿئي
سندس ذهن تي آ اثر ڪنهن ٻئي جو

اُڏارا وني ڪنبَ اُڏِري نہ سگهندين
هِي پَرُ ڪنهن ٻئي جو هوُ پَرُ ڪنهن ٻئي جو

حِصي پنهنجي جي روشني وٺبي زوريءَ
نہ آ شمسُ تُنهنجو، قمر ڪنهن ٻئي جو

پَرائي تَڏي تي روئڻ آ اڃي ويو
هٿا سُورَ پنهنجا پٽر ڪنهن ٻئي جو

امن لاءِ راشد ڏبو خون ايڏو
وهيو جيترو ٻيي پگهر ڪنهن ٻئي جو

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُو جو ميدانُ سورهيہ ملهائي ويو
ڏيان زوريءَ اسان جو چڪائي ويو

سادڙو ڳوٺ هڪڙي جو ماڻهو ڏسو
شهر ۾ آيو سڀ ڪجھہ ڦرائي ويو

مون سڄي عُمر جنهن لئہ خوشيون ميڙيون
سو ڏيئي درد دَل کي ڏُکائي ويو

چا ٻُڌايان هجر جُون دِلي ڪيفيتون
درد آيو حياتي کُٽائي ويو

ڪو قبر ۾ ڪٽي انتظاري ويو
نيڻ راهن ۾ ڪنهن لئہ وڇائي ويو

ڪيترو زور آور هيو ذهن هِي
چوٽ ڏاڍي لڳس پَر پچائي ويو

ڪانگ پٽ تي لنوي، ڪجھہ چوڻ تي گهُريو
بارُ گذريو گهٽيءَ مان اڏائي ويو

پيار راشد ڪيو مون سڄي قوم سان
موٽ هِڪَ ڪان گهُريمہ سو لنوائي ويو

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ تہ توکي غم ٻُڌائي هانوَ کي هلڪو ڪجي
جهڙي تهڙي جي اڳيان اظهار ڏک جو ڇو ڪجي

اڄ صبح سان ئي اچڻ جو واعدو آهي سندن
پيش سهڻن کي ڪرڻ لئہ تيار گلدستو ڪجي

هارمونيم آهہ حاضر ڍولڪيو آڻيو سَڏي
ساز ۽ آواز گڏجن، شوق کي تازو ڪجي

خوب مئخاني مان پي آهيون اُٿيا پُر باش ٿي
هل هلي دل، هاڻ بيت الله ۾ سجدو ڪجي

دوستو! اڳيان جڏهن توراه تي خطرو سُجهي
سونهن کي پُنتي رکون ۽ عشق کي آڏو ڪجي

عشق جي آ آزمائش، سونهن آهي ممتحن
امتحاني سينٽر ۾ هل هلي پرچو ڪجي

راشدا اچڻو هتي آ مستقبل شاندار
صافُ هِن ماناڻتي مهمان لئہ رستو ڪجي

❖

مُون ڪنيون ڪُرّيون تہ تُنهنجي قَدّ کي پهچي سگهان
ڪاش مان تنهنجي برابر تي ڪڏهن بيهي سگهان

هُن جُون ڳالهيون اُپَ سان ۽ ڏُوڙِ ڌرتيءَ جي اسان
مان انهي قابل ڪٿي جو همسفر بنجي سگهان

پنهنجي اعمالن اڙايو آهہ اوکي هنڌ تي
ڇا بہ ڪريان ڪونہ تو آڙاهہ مان نڪري سگهان

پَرَ پَٽي مُنهن جا چِڏيا، پنهنجن ئي آهن، ڇا ڪجي
دل تہ ڏاڍو ٿي گُهري آزاد ٿي اُڏري سگهان

تون خدا بنجي وئين ۽ آنءُ بندو ٿي پيس
ڪاش وَسُ پهچي تہ بي پرواهہ تو جيئن ٿي سگهان

دؤنس تي ٻِي دؤنس ڏئي، هن ساڙيو مون کي مگر
مون ۾ جُرئت ڪانہ آ جو ڪيس ظالم چئي سگهان

دل تہ راشد جي آ رُسٽي بار جهڙي اي پرين!
ايترو تون رٺارجو منٿن سان پو پَرچي سگهان

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قرب جو ناتو مون ڪان ڪاٽا ڪري ويهي رهئين
سوچيوٿئي اي پرين! هِي ڇا ڪري ويهي رهئين

دل جي شيشي کي ڀڃي ٽڪرا ڪيئہ، هي ڇا ڪيئي؟
صَحن ساري کي رڱو ڪاوا ڪري ويهي رهئين

دوستي توکان نباھڻ جيڪڏهن پهتي نٿي
ڏينهن ڀهرئين تي ڇو ٽڪڙي ها ڪري ويهي رهئين

هُو تہ توسان دشمن جهڙو پيا ورتاءُ ڪن
دوستيءَ جي تون مگر دعويٰ ڪري ويهي رهئين

جي پراوا ها پَراوا ٿيا ڪڏهن پنهنجا نہ ٿيا
سادگي پنهنجي تہ ڏس، پنهنجا ڪري ويهي رهئين

ڪنهن ڇيو توکي تہ بيدردن سان ويهي ڪول دل
ڦٽ ڇِڪي پيا سپ زخم تازا ڪري ويهي رهئين

دل ۾ راشد جي ڪڏهن پائي لِئو زخمن کي ڏِسُ!
شعر جنهن جي کي بُڏي وهوا ڪري ويهي رهئين

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦُٽو تار مان ڏانءُ فنڪار جو
نہ جَڙجي ويو سلسلو سار جو

مرڻ کان اڳي جي مري تا جِئين
ميان! تن کي دڙڪو نہ ڏي دارجو

ٽِڙيو موتيو، روح ويو واسجي
صحن ۾ وَسيو مينهن مهڪار جو

ڳهيلا اهو وڻ ڏِئي چانوَ ها
ڪپيئي ڪنڌ پنهنجي مددگار جو

نہ سپنن کي سا پيا پوي تي پلئہ
تماشو ڏسون وينا سنسار جو

نہ لوچڻ پُنو تنهن ڪري دير تي
گهٽو ڏور گهر ناه دلدار جو

ٽڪيا نيڻ تنهنجا نہ ناريءَ مٿان
مَگر مون کي مُرڪڻ وٺيو پار جو

نہ عزت اتس عام يا خاص جي
نہ آ حوصلو جاءِ زردار جو

سوا سِرَ بہ راضي ٿئي توڪ نہ،
چئو، خيال ڇا هي مگٽهار جو؟

ائين اوچتو رڙ سندءِ راشدا
وئي هانوَ چيري آ ماتار جو

ڪجھہ دعا ڪجھہ دوا ڏئي وڃو
ڪنھن طرح سان شفا ڏئي وڃو

پيار جو ڏوھہ مون کان ٿيو
مون خطا ڪئي سزا ڏئي وڃو

خونُ ناحق ڪيوَ آسَ جو
ھڪڙو بوسو بھا ڏئي وڃو

ڪنڌ آھي ڪنيو حسرتن
خواھشن کي گھُٽا ڏئي وڃو

من کي موھي وري مُرڪ سان
ڪا نئين سر دغا ڏئي وڃو

عشق آھي ڪيو اڏ مُئو
ڪي نوان آسرا ڏئي وڃو

داغ پنھنجا ڏُئڻ واسطي
پَل تہ مون تي گلا ڏئي وڃو

ربط راشد اوھان سان رھي
ڪي اصول ۽ متا ڏئي وڃو

❖

آءُ اويرو ٿي
هڪڙو پيرو ٿي

اُجڙي ويو آهي
دل جو ديرو ٿي

ڪاش رٽن ۾ ڪو
ٻولي ڳيرو ٿي

ساڙي ويئي اڄ
وِڄ آکيرو ٿي

رئيس جي ڏيڏيءَ تان
انُ نہ، ڪيرو ٿي

جهول جهليندا سين
ميرو سيرو ٿي

مارئيءَ لاءِ هُيو
خوب ڪٽيرو ٿي

مارُن جو دشمن
آه وڏيرو ٿي

آزادي آڻي
خانو، خيرو ٿي

راشد هلڻو آ
صبح سويرو ٿي

❖

ڪو هِن مشڪلاتن جو حل ڳولجي
حالتن جو ڪو نعم البدل ڳولجي

زندگي آ پنهنجي جڻ تہ ماتم ڪدو
عيد جهڙي خوشيءَ وارو پل ڳولجي

ڪيستائين اڪيلو تي ڳاڙو ڏڪيان
ٻانهن ٻيلي ۽ ٻانهنِ جو ٻل ڳولجي

عام جي آ فرق قول ۽ فعل ۾
قول سان صادقن جو عمل ڳولجي

سنڌ ادبي سنگت ڪي ڪجي سرگرم
هل سڪر، سومرو اڄ ادل ڳولجي

جنهن جي ڳل ساڻ تشبيهہ تهڪِي اچي
خوب ڪان خوبصورت سو ڳل ڳولجي

ڪابہ هِڪڙِي ڏياتي تہ ڪافي نہ آ
ڏيهہ لئہ سوجهرو ڪو ڳپل ڳولجي

سنڌ جي چاهتن ڪي هِي چا تي ويو
ڪنهن وِڏو آهہ وچتي خلل ڳولجي

روئِي روئِي اي راشد وَهائي چڏيئين
هاڻ هُن جي ڳلن تان ڪجل ڳولجي

❖

يا تہ ديدار بخشيو طلبگار کي
يا تہ روڪي رکو سنگدل سار کي

هَٿُ هَٿَ ۾ ڏئي هاڻِ اغيار کي
هُو پُڇڻ ٿو اچي، دوست بيمار کي

ڏانءَ سان هانءُ ٺاري رکيائين سندم
ڏات نيبهہ هجي شال ڏاتيار کي

در پنيائين سوين پر نہ پورِي پيسِ
بُکَ اهڙي ڪا آهي مڱڻهار کي

جيترا هُن ۾ ميوا گهڻيرا ٿيا
اوترو ئي تہ جُهڪڻو پيو ڏار کي

هُو تراشيل پٿر کي خدا ٿو چوي
آنءُ پُوڄيان ٿو قدرت جي شهڪار کي

تون ئي راشد! اڳيان ٿِي شروعات ڪر
وقت ٿي ويو گهڻو آه مانار کي

❖

تڪڙو   تڪڙو آءُ تہ گڏجي پنڌ پئون
پيڙو ٿي پؤ ياءُ تہ گڏجي پنڌ پئون

آنءُ اڪيلو، هيڪل وياڪل، پنڌ گهٽو
اڃئي جي ڪهڪاءُ تہ گڏجي پنڌ پئون

تون تہ چنيسر وارو تو ڪردار رکين
موڪل ڏيئي ماءُ تہ گڏجي پنڌ پئون

مون وانگر جي سِرَ ۾ تُنهنجي ساڳيو آ
”سنڌڙيءَ جو سوداءُ“ تہ گڏجي پنڌ پئون

سوچي سمجهي، دل من جانچي سات ڏجان
پو نہ ڪرين پڇتاءُ تہ گڏجي پنڌ پئون

يانءِ پوي جي تنهنجي طبع ڪي او پيارا
آزاديءَ جو ساءُ تہ گڏجي پنڌ پئون

راشد، ڏِسُ تہ صلاحي پيو تو ياڻ ڪي اڄ!
سامي سِجَ وڙاءُ، ”تہ گڏجي پنڌ پئون.“

❖

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

بي چيني آ اوج تي پهتي، هُن جو خيال اڇي ويو آهي
صبح سويرو هڪڙو ماڻهو لال گلاب ڏئي ويو آهي

پنهنجي حصي جو هر ڪنهن کي ڪم ڪرڻو آ، سو مان به ڪندس پيو
تون سمجهين ٿو تبديليءَ تان منهنجو خيال کڇي ويو آهي؟

رات به ڏات ڳراٽي پائي، هانوءُ ڪيو آ هلڪو منهنجو
گيت لکڻ کان پوءِ سمجهان ٿو، ذهن تان بار لهي ويو آهي

زنده آهه ضمير امڙ سو ظلم ڏسي خاموش نه رهندو
ماٺ ڪري ڪيئن ويهان جيجل، سارو مُلڪ ٻري ويو آهي

اچرج آهي شهر سڄي کي ڇا مان ڇا هو ٿي ويو آهي
تعجب آهه ته سڀ ڪجهه هُن کان سيگهه ۾ ڇو وِسري ويو آهي

هي معصوم نماڻو ماڻهو قاتل بنجي ناممڪن آ
راشد مورائي ته ڇون ٿا طبعي موت مري ويو آهي

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توسان ڪرڻي ملاقات پَئي هُئي
ترسي پئين ها اڃان رات پئي هئي

ڳالهه نِبري سگهي ناهه پنهنجي
ڏسُ تہ اڄ ۾ رهي بات پئي هُئي

تُنهنجي تِياريءَ ڪُمهليءَ کي ڏسندي
منهنجي تڙپي پرين تات پئي هئي

پيارُ پوئين پهر ڀَلڻجي ها
ننڊ سنجهي مان جذبات پئي هئي

هنڌ منهنجو هو ڳوڙهن پُسايو
تو هو سمجهو تہ برسات پئي هئي

سُر تي سرڙو ڏنو هو مون گهوري
تُنهنجي بيجل بُري لات پئي هئي

سَچُ، واقعي ککر ۾ ڪڙو هو
وڃي ڏينهن ۾ ڇڙ ذات پئي هئي

منهنجي جذبن جيان ئي نرم هئي
ماڪ راشد جا پرڀات پئي هئي

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيوفا لئہ شاعري ڪھڙي ڪبي
ڪارروائي ڪاغذي ڪھڙي ڪبي

جيڪو هِڪَ جي ٿِي، هِتي جِي هُتِ ڪري
ڳالهہ تَنهن سان راز جي ڪھڙي ڪبي

ڀروسو جنهن ڪي نہ آهي پاڻ تي
هلڪڙي سان دوستي ڪھڙي ڪبي

وَٽ اٽس پر تيل جنهن ۾ ڪونہ آ
اُنَ ڏِئي مان روشني ڪھڙي ڪبي

آزمائي هِڪُ دفعو پڇتائجي
آسَ ٻِي اُنَ مان وري ڪھڙي ڪبي

سَچُ سُوريءَ تي چئي راشد ڏنم
ڳالهہ ڪا اُن کان وڌي ڪھڙي ڪبي

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وئين هَليو نيٺ آئَ موڪلايو
توکي ڪيڏو هئو مون ستايو

ڪو پَتو ڏئي وڃين ها، اچان ها
تنهنجي يادن آ ڏاڍو تپايو

آهه لُڙڪن ڪيو خوار مون کي
راز کي مون گهٽو ئي لِڪايو

پنهنجي تقدير چوري چِني آ
سِرتي ڪنهن جو رُهيو ڪو نه سايو

بي سبب هيڏي ناراضگي ڇو
ڪنهن ته توکي به آ برغلايو

ظالمن کي، مون ڪان سچ چوائي
ڏوهه هِي ڏات مون ڪان ڪرايو

معاف ڪر اجنبي، سونهن وارا
مون کي تنهن جي مُهاندن ڀُلايو

ڏات ڏاهيءَ ڇا ڪنهن جو بگاڙيو
مون سان سڙندڙ سڙوتا اجايو

جت پگهر گُهرجندو رت ڏبو پيو
منهنجي الفت پَلي آزمايو

ڪيئي راشد ڪيا مون تجربا
آزمودن عقل کي وَڏايو

❖

پيارا حال پڇن تہ چڱو
هي بدحال ڏسن تہ چڱو

مون کي نيبهہ درد سهي
هُو خوشحال هجن تہ چڱو

پاڻ کي هلڻو آهہ اوس
سهڻا ساڻ هلن تہ چڱو

نيڪ بُري جو فرق ٿئي
هٿ کان هيٺ لهن تہ چڱو

هِڪُ هِڪُ تي همراهہ پڇن
مچ تي ميل مچن تہ چڱو

وقت نهايت تورو آهہ
ننڊ مان جلد اُٿن تہ چڱو

راشد ڏيهہ ڏڪاريا هاڻ
موڏي شال مرن تہ چڱو

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

بندْ ٿيو جو هِتي آب داڻو
ڪنبيَ ساهي پکيئڙو اُڏاڻو

ڏجي پاڻيءَ ڪان ڪاڏل چتي جو
جَهڻ ٿو ڦوُڪي پِئي ڪير ڪاڻو

آنءُ مسڪين، پارو اڪن تي
۽ هُو ماٺهو صفا وڏ گِهراڻو

توسان کهڙي ڪندس همسري مان
هائو البت هجي ها جي ناڻْو

چو تون راڻو سڏائي ٿو سوچين
سِر وڃائيندو مومل جو ماڻو

تن ۾ اخلاق کهڙو سماجي
گهرَ کي سمجهيو وَتن جيڪي ٽاڻو

ڳالھ آ تنهن جي دانشوريءَ جي
آنھ انڌن ۾ واقعي تون ڪاڻو

پاڻ تون پاڪبازيءَ جو پتلو
باقي هرڪو ڏٺئي عيب هاڻو

آيو مخدوم سنڌ جي سڏڻ تي
مان بلاول هان ڪاٿي آ گهاڻو

ڪيئن لکڻ ڪان لنوايان اي راشد
چيا ڪجي ذهن آ شاعراڻو

ايندو ڪُمَهلَ ڪهڙو، هِي انتظار ڪنهن جو
اي دِل اسان سان آهي، اهڙو پيار ڪنهن جو

سانجهيءَ ڪان دگ ۾ ديدون، آڏي لڙي وئي آهي
ويٺي تڪين ٿي رستو، هِي بار بار ڪنهن جو

جڳُ پنهنجي ڌُن ۾ پورو، اميد آ آجائي
هِن دانهن درد جيءَ تي، ڦِٽندو قرار ڪنهنجو

مطلب پرست ماڻهو، ڪنهن جا اُگهن چو ڳوڙها
ڪونهي جهان هِنَ ۾ ڪو غم گسار ڪنهن جو

ڪيڏو بہ سچ چوي پَر مُفلس تي پت نہ ايندي
ماڻهوءَ سُچي تي رهندو، چؤ اعتبار ڪنهن جو

فنڪار جو سچو آ آمر اڳيان نہ جهڪندو
ڳيجهو رهي چِو راشِدَ، تخليقُ ڪارُ ڪنهنجو

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪبوتر خيال جو اُڏري رهيو آ
ذهن ۾ گيت کو سِرجي رهيو آ

دِلاسي ڪان ٻه ويندؤ دلبرؤ ڇا ؟
اوهان جي آسري ڪو جِي رهيو آ

علم جي سرپرستي ڪانه تي ٿئي
هُوَ ڇورو بارڙو سُڏڪي رهيو آ

پيارا اڪ پَٽيو جاڳو، اُٿي پئو
الائي ڇا منجهان ڇا ٿِي رهيو آ

اڇو يارو ته سوچيون ڳالهه ان تي
سڄو ماحول ڇو بِگڙي رهيو آ

اوهان جي ظلم جي پئي باهه پڙڪي
ڪُنو آ هانؤءِ سو ٻڙڪي رهيو آ

ڪڪر ڪئي پورهيتن تي ڇانوَ پنهنجي
وَسائي، ٻُوند پڻ هلڪي رهيو آ

پڄي ويا رات جا رکوال ڪاڏي
اِجهو اوير ڪان سِجُ اُپري رهيو آ

وري آ مند مدهوشيءَ جي آئي
شراب – شوقُ راشدُ پي رهيو آ

❖

آهه حياتي ڪيڏي پياري تڙپي ٿو
موت مٿي ڪان ڏسندي ماري تڙپي ٿو

اوچتو شينهن کي سمهون ڏسندي چرڪي پيو
ڪُڏڻي ۾ هرڻن جو شڪاري تڙپي ٿو

قيد عُمر پر پوڳڻ سوکو ڪونهي ڪو
جوش ۾ ماري ”ڪاروڪاري“ تڙپي ٿو

سارو فصل ڪجي ويو ليڪن چوڪن ۾
ٻنئي، ويلي ڪيڏو هاري تڙپي ٿو

گهر جو سڀ سامان کپائي راند ڪيئين
سڀ ڪجهه هارائي ڏسُ جواري تڙپي ٿو

سُورن واري زال ڪٺائي شهر پُڄي
ڪيڏهن آٿي بي زر سواري، تڙپي ٿو

”ڇا هيءَ دنيا دوست رهڻ جي قابل آ“
دادوءَ ۾ استاد بخاري تڙپي ٿو

ڪوجهي هِن ماحول ۾ آخر ڪيئن رهجي
راشدُ سادو سونهن پُڄاري تڙپي ٿو

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا تہ هُو وسندڙ پٽرن کي سمجھي نہ سگھيو
يا تہ هُو منهنجي شعرن کي سمجھي نہ سگھيو

خط جو مطلب هِڪَ جي ٿين ڪديائين، جو
جذبن پريل اکرن کي سمجھي نہ سگھيو

ڀهراڙيءَ جو سادو سودو ماڻهو هَو
سياست سان ڀُر شهرن کي سمجھي نہ سگھيو

هَو تہ ذهين، ذهانت هُن جي وٿرت وَٺي
ماسڪ پاتل چهرن کي سمجھي نہ سگھيو

گلقند جهڙن گفتن موهي مست ڪيو
دل ۾ قاتل زهرن کي سمجھي نہ سگھيو

وقت اجايو پاڻيءَ وانگر وَهندو ويو
قيمت وارن پَهرن کي سمجھي نہ سگھيو

ڏُهلن شرنائين سمجهايس شادي آ
پوڙهي جي سِر سهرن کي سمجھي نہ سگھيو

راشدُ ساري دنيا کي سمجھي ويو پر
پنهنجن يارن گهَرن کي سمجھي نہ سگھيو

پلي ڪين باسين لڳين تو اُداسي
اکيون تُنهن جون ڪن ٿيون اندرَ جي عڪاسي

نہ نڪرڻ جو چارو نڪو چوٽڪارو
نگهہ جي ڏُہڻ ۾ پيس آن ۽ ڦاسي

نہ ٿيو نرلجن تي اثر صحبتن جو
اِنهن جي مِٽي پانڻجي تي اٽاسي

نڪو ڪم نڪا ڪارِ ويهي رهياسين
گهڻيءَ يارَ جيءَ ۾ وڇائي فراسِي

برابر جي بنياد تي گڏ رهون ٿي
نہ تون ديؤ مون لئہ نہ مان ديؤ داسي

گهڻو پيٽ وارن تہ اُلٽيون ڪيون ٿي
شُڪر ٿيو اڃان پاڻ آهيون پياسي

مزو ايندو آهيم ادبي سنگت ۾
ڪتابن تي ٿيندي آ ويهڪ اپياسي

زمانو پلي ڪيترو رنگ بدلي
ڇڏيندس نہ راشد حقيقت شناسي

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امير - شهر جيڪو ناٿ شهانا تو رکي
فقير ڏانهن اڇڻ ڪانڪا معنيٰ تو رکي

انهي جي ڳالهہ ڳُجهارت آ، سَلڻ مشڪل آ
دِلي مُراد مٿان ڪکَ ۽ ڪانا تو رکي

غريب آهہ صفا جڻ تہ اکن تي پارو
پنهنجي نيٽن ۾ مگر خواب سُهانا تو رکي

موالي خواب ۾ بک پنهنجي وهاٽي کي هٽي
پري پاڪر ۾ جڻ تہ ليڊي ڊيانا تو رکي

گُليل ڪيترا ڪٽيو پکين کي تاهِن تا
رڳو محبوب مُنهن جو نيڪ نشانا تو رکي

اڇو راشد ڪان اڇي دوستو حاصل ڪريو
پنهنجي سيني ۾ دفن ڪوڙ خزانا تو رکي

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ جذبو آهي دل ۾ سو ڀرپور ڪنيون هلندو تو رهان
محبوب اوهان جي محبت جو مذڪور ڪنيون هلندو تو رهان

ڳل تي نہ سهي، هٿ اکرن تي بوسو مان ڏئي سک تو ماڻيان
درخواست مٿان لکيل "نامنظور" ڪنيون هلندو تو رهان

هن راڳ سان جاڳ جَڙيندس مان، سکِ سُمهندس ديس سجاڳ ڪري
پٽ شاهہ کان پوءِ سندس ورثو طنبور ڪنيون هلندو تو رهان

سنڌ ديس جي سورهيہ سرويچن جي صحبت، محبت ۾ رڱجي
ڪَنَ سَرلا جِيَ تِکي ۽ اکِ مخمور ڪنيو هلندو تو رهان

جو ڪيني پرور آهہ ڪميٽو ان کي نيٺ ڪَڪائيندس
سنڌ ديس جي دشمن لاءِ سدا سنگ ڇُور ڪنيون هلندو تو رهان

مون رکيو هو ويساهہ ڪري، ڪلهہ ڀائيچارو ڀائُن سان
ڪٽيو تہ پيو کُهہِ واپس پنهنجو مُور ڪنيو هلندو تو رهان

هِن ڌرتيءَ مون کي پرتيءَ جو رکوال ٿيو آهيان راشد
ڪو ڪانڌيرو ڪرُ ڪين ڪٽي چنجور ڪنيون هلندو تو رهان

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شال سپنو ٿئي ساپيان او پرين!
آن۽ تنهنجي ڪيان آجيان او پرين!

چاهنا ٿِي رهي، ساهَ نڪرڻ کان اڳ
چاهُ تنهنجي چپن مان پيان او پرين!

زندگي هُونئن بہ فاني آ ٿيندي ختم
سونهن تان چو نہ صدقي ٿيان او پرين!

ڏينهن ايندا ڏکيا ان جي لئہ پاڻ کي
واسَ تُنهنجي سان تو واسيان او پرين!

سمندُ آ، ڪوهُ آ، اُڀَ آ يا خلا
تنهنجي محبت کي ڪيئن ماپيان او پرين!

اُن کان وَڏ ڪا بہ نعمت نٿي پئي سُجهي
سنڌ تان جند گهوري ڏيان او پرين!

مان سدائين هان راشد انهي سوچ ۾
قرض ڌرتيءَ جو ڪيئن لاهيان او پرين!

ڪڙي ماڻا نہ ويتر مارِ جاني
ڪٿي نظرون جڏن ڪي جيار جاني

نٿي توکان سوا جن جي سَري پئي
اُنهن جي حال تي ويچارِ جاني

تنهنجي خاطر ڪئي سون مئہ پرستي
هٿين پنهنجي پري تون پيار جاني

پَري محفل ۾ هڪ بوسو ڏيڻ ڏي
سچائي اڄ تہ ڪا ڏيکارِ جاني

اوهان جي واقفيت کان اڳي جو
ميان ٿو وقت ويو بيڪارِ جاني

وڇوڙو موت کان وڌ سخت آهي
غريبن تان مصيبت ٽارِ جاني

ڪُمهلو تنهنجي درِدستڪ ڏين ٿيون
هوائن کي ادب سيکار جاني

ڪنيا چو سنڌ دشمن سات ۾ ٿئي
ائين تہ نہ اهنج ڏئي آزار جاني

اوهان جي عشق ۾ بدنام تي ويو
هئو راشدُ جو نيڪو ڪارِ جاني

❖

اِهو ئي شوق گر پُختو پڪو ٿيندو تہ ايندا سين
اَوهان جو وِلوِلو وڌِ اَڻَ ٿڪو ٿيندو تہ ايندا سين

نئي برسات بيهڻ جي ڪري، بيوس ٿيا آهيون
دُعا ڪر مِينهُن هي ٿورو جَهڪو ٿيندو تہ ايندا سين

ڪماليت ڪي پڄو هُنَ جي زواليت ٿي شروع آهي
رقيبِ رُو سيهہ جو مُلهہ ٿَڪو ٿيندو تہ ايندا سين

اميد آهي اوهان وٽ هاڻِ لابارن ڪان اڳ اچبو
يقين ڄاڻو، ڪٽڪ جو پن ڪَڪو ٿيندو تہ ايندا سين

سپيئي واهٽي شهرن ڪان واپس ڳوٺ ڏي ورندا
مزي جو عيد تي ميلو يڪو ٿيندو تہ ايندا سين

سدائين ڏينهن هِڪَ جهڙا نہ هوندا نيٺ غم لهندو
وسيلو پنهنجو راشد ڪو نڪو ٿيندو تہ ايندا سين

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارِن ماڻهو مارين وانگي
اڪڙيون تيز ڪٽارين وانگي

روح اُجارو ڀٽڪي ڀيو تو
تڙ تڙ تي ٽاسارين وانگي

سُونهن حضور ۾ جُهڪيل آهيون
زيتونن جي ٽارين وانگي

عشق پڪڙجي ويو اَ تر ۾
ڦهلجندڙ بيمارين وانگي

هاءِ حساس دلين جون ڳالهيون
نير وهائن نارين وانگي

جذبن سان ڀرپور ڀريل آ
سينو جوانُ ڪُنوارين وانگي

ڇاتيءَ تي هِي ارهه اوهان جا
دريا جي ڀيٽارين وانگي

راشد شعر جي آمد آهي
ڪنهن جي يادُن پيارين وانگي

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهوءَ جو ڪونهي پت جهڙو
ان ڪان ڪم ڪيئن ٿئي مت جهڙو

جنهن دم مون سان ساٿ اوهان جو
سوئي لمحو فرحت جهڙو

مون ۾ عيبُ زمانا اٿئي
سچ ٻولڻ جي عادت جهڙو

عاشق درد فِراق ۾ ٿيو آ
بيمارن جي حالت جهڙو

تو سان ايندس سُور سلڻ مان
وقت مليو جي فرصت جهڙو

دنيا ۾ نہ ادارو وڏيو
سنڌي ادبي سنگت جهڙو

راهہ ۾ ماڻهو ڳوليان پيو تو
راشد يار رفاقت جهڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر ڪوئي ڇرڪي ڊڄي، تڪليف گهر اهڙو نہ ٿي
ڪو اثر توتي نہ ٿئي، دل جو پٿر اهڙو نہ ٿي

چو تِجي اهڙو منو جو لوڪ ڳڙڪائي وڃي
سيڪو ٿُوڪاري ڇڏي، ڪؤڙو زهر اهڙو نہ ٿي

نانگُ ٿي، مُنهن تي اچي، لت پو بہ پُڇڙي چور تون
ڪير ڪنهنکي چو لتاڙي، بي خطر اهڙو نہ ٿي

خُونُ انسانن جو ڪنهن پَرِڪو نہ تو جائز لڳي
پل تہ ٿي ماٺهو مذهبي، پر ڪٽر اهڙو نہ ٿي

رِک سياست ساڻ دلچسپي مگر ڪجهہ سوچ سان
نڳ وڃن توکي نڳي، موڳو متر اهڙو نہ ٿي

جي متاهينءَ تي پُڇين تون رحمتون برسائجان
جو هُجي بي فيض تون اُپَ جو ڪکر اهڙو نہ ٿي

ديس وارن ساڻُ جيءُ ۽ ديس وارن ساڻُ مَرُ
سپ مرن تون پيو جِئين شاعرَ امر اهڙو نہ ٿي

نئين دنيا جي خواهشن موجب بنائج شاعري
جو وِهائڻ ڪان ويو راشد وکر اهڙو نہ ٿي

❖

چاندوڪيل آڳر تي هڪڙو سهڻو فرد سُتو پيو آهي
هُنَ جي ننڊاڪيل مکڙي تي چنڊ جو ڏيان ڪُتو پيو آهي

پياڪَ جون نظرون مايوسيءَ کان ويڳاڻيون ويڳاڻيون آهن
رات مواليءَ جي ڪيئن گُذري، جو اڄ بند پُتو پيو آهي

يارَ جي درِ اغيار جي چرپر، ڪيڏو اڻ وڻندڙ منظر آ
ڪُوءِ جانان ۾ هِي خارش ورتل جڻ تہ ڪُتو پيو آهي

گهورَ جي مهل مگڻهارن کي ننڊ نياڳَ جي آئي آهي
ڍُهل بہ چُپ، شرناءِ بہ چُپ ۽ ماٺِ ۾ ڏس تہ مُتو پيو آهي

تات مسلسل تارِي آهي، راشد دم نہ وساريو توکي
تُنهن جي ڳُتَ وانگر يادن سان مُنهن جو خيال ڳُتو پيو آهي

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي بہ تو لکيو ۽ جيڪا بہ تي، اکين تي
ڪِلندي ڪٽي رکِي مون، تُنهن جِي چِٽي، اکين تي

هر هر اکر چُمان تو، ور ور ڏئي پڙهان تو
رکندو رهان تو خط کي هر هر پڙهي اکين تي

گلڙا هجن يا ڪَنڊا، مِٽي هجي يا مائو
محبوب کان جو ملندو، رکبو چُمي، اکين تي

ڪڪرن تي ڪالهہ نظرون پنهنجون ڇڏيم کُپائي
هُنَ وارَ جو هَٽايا، بِجلي ڪِري، اکين تي

هِن نينهن نامور سان ناتو نباهڻو آ
تڪليف عاشقن کي هڪڙي نہ بي اکين تي

رَڙ رعد جِي تہ ڪانهي، برسات آهہ گُونگي
ذهني غبار سارو آيو لهي اکين تي

هَٿَ جي ڇُهاءَ سان مون ورتا سِگهو سُڃاڻي
پُنيان اچي رکيائين، هٿڙا ٻئي اکين تي

دَريارَ تي مان پهچي ويندس ضرور راشد
ڇڏيو پلي تہ منهنجي ڪپڙو ٻڌي اکين تي

❖

اکيان اچ ويهه مان جاڙن پرن تي شاعري ڪريان
ڏسي لبڙن جي لالائي لبن تي شاعري ڪريان

ڏسين تو پئونر گلڙن کي ڏئي بوسا تو ڳُڻ ڳائي
چُمڻ جي ڏين تہ مان تُنهنجي چپن تي شاعري ڪريان

گُلن مان رَسُ ڪڍي ماکيءَ جي مَکِ ميناج تي ناهي
انهي ميناج جي خاطر گلن تي شاعري ڪريان

نشيلا نيڻ ڪڻ مُرڪي تہ مدهوشي ٿئي طاري
تنهن جي نظرن مان پِي پُرِ تي نشن تي شاعري ڪريان

پنهنجو هٿ ڏي منهنجي هٿ ۾ وَچن ڪَر تون وفائيءَ جو
انهن مينديءَ رتل راشد، هٿن تي شاعري ڪريان

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ چيو واڪِ وڏي، ڪير ٿو اچي؟
آهي ڪو اڏي٫ ڪي جو اڏي، ڪير ٿو اچي؟

پَرڪَن ٿيون پيون پوئتي، ڪُوڙن جون قطارون
سُورِي تہ سچن ڪي ٿي سڏي، ڪير ٿو اچي

دودن جو ڏجي ساٿُ، سَڏون سِين جي سر ۾
طبقاتي مفادن ڪي ڇڏي، ڪير ٿو اچي؟

هارين سان جيڪي ڏاڍ ڪيا ٿئي سي بُڌون پيا
پاڙي ۾ تُنهنجي رئيس! لڏي ڪير ٿو اچي

لاچار اٿن ووٽ جو پاڻن تي اچن پيا
هُوندئن نہ تہ اميرُ منهنجي تڏي ڪير ٿو اچي

جلنديئي شمع سر ڦريا پروانَ مِڙي پيا
پوپٽ پيو گلن ساڻُ پڏي، ڪير ٿو اچي

تون ڪنهن ۾ اميدون ٿو رکين، اڄ ڪِ سياڻي
ڏسجاڻ٫ تہ سچ ڪُوڙ گڏي، ڪير ٿو اچي

جو راشدا خوش ٿو لڳين معمول کان زياده
چؤ صاف اشارا تہ نہ ڏي، ڪير ٿو اچي؟

❖

حسينن ۾ حسن پرور نمونو
دنيا جي لئہ منهنجو دلبر نمونو

سندس گهُر جڻ تہ جادوءَ جو محل آ
فن - تعمير جو نادر نمونو

منهنجي مَسڪن جي باري چاپُچين تو
عجب آهي عجائب گهر نمونو

ڏِگهن وارن سندي تشبيهہ ڪهڙي
ڪُلهن تي نانگ هي اجگر نمونو

ٿِئي پيو ڪيرُ دريا خان دُولهہ
بڻي پيو قوم لئہ ڪونڌر نمونو

ثقافت رِيسَ جهڙي آهہ راشد
جڳن جي لئہ سنڌي ڪلچر نمونو

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون ڪان منهنجي ڳالهه نہ پڇُ، تون پنهنجون خبرون چارون ڏي
ڏُکَ سُک جا احوال ٻُڌائي، مُرڪِي مُرڪَ ميارونْ ڏي

پؤنڪي ٿو تہ پلي پيو پونڪي، ڪين پتر هڻ پؤنڪي ڪي
پرين جو هِي پاليل آهي، ٻهڙي ڪي ٻُچڪارونْ ڏي

تُنهنجي، مرضيءَ موجب مرندس، پَر منزل ڪي ويجهو ٿيان
جيئڻ لاءِ اجازت مون ڪي باقي چند بهارون ڏي

سانئڻِ جي چولي تي ٽانڪڻ لاءِ مون ڪي مٺيار ميان
رنگ برنگي موتين سان گڏ ڪي رنگين ستارون ڏي

جهڙو آهي تهڙو منهنجي اکين تي آ، چَهرو ئي
پنهنجي هٿن سان جو بہ وَڏيو ٿئي اِنَ گدري مان ڦارون ڏي

تو ڪيئن خود ڪي سُوار سڏايو، وهٽ ڪري ويو آ مستي
اُٺُ الائي ڪيئن نہ هلندو، منهنجي هٿ مهارون ڏي

اِنَ جوڙي جي ذات نسل کان واقف مون جيئن ناهين تون
ڪمري ڪي پَلِ ڇهبڪ هڻ تون، ڳاڙهي ڪي ڳِنڪارون ڏي

ٻاجَهہ ٻُڪيءَ لئہ راشدُ، سائين! پنهنجو زخمي ذهن ڪٽي
تنهنجي در تي آيو آهي، دردن جو ڪو دارون ڏي

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساري رات رکن تا يارو! جوش عبادت جاري ماڻهو
سهڻي بُت کي سجدا ڪن تا، مٽيءَ جا پوڄاري ماڻهو

ٿورا ماڻهو نانءُ وفا جو، روشن رکندا رت ست ڏيئي
اڪثر عام لٽي ڪم ڪان پوءِ، ڏيکارن بيزاري ماڻهو

تو وٽ تُنهنجا مون وٽ منهنجا، هِنَ ۽ هُنَ سان هِن هُن جهڙا
تن تي ڪيئن اعتبار ڪجي، جي آڻن سوچ اڌاري ماڻهو

ميوا مفتۡ مليا تي مٺڙا، چانوَ ڪيو بيٺو هو سڀ تي
هاءِ وڏي نادان وڃن تا، وڻ ٻِي تاري تاري ماڻهو

موت سان ڪيڏين ٿو اي شڪاري، ڪڏهن تہ پاڻ شڪار ٿي ويندين
شينهن جڏهين پاڻ سُڃاتو مرندا سيئي ماري ماڻهو

عشق، سچائي، ثابت قدميءَ نيٺ متاثر ڪين ڪيو آ
دل آزاري جن تي ڪئي، سي ڏين پيا دلداري ماڻهو

ماڻ ڪيو پيا رنگ ڏسن تا، ديسي پورهيت هاري ماڻهو
روز نوان تا کيل ڏيکارن، راشد يار! مداري ماڻهو

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مطلوب جدا هو رات مون کي فڪرات ۾ ننڊ نہ ٿي آئي
مارن جي مَنهن ريءَ مارئي کي، محلات ۾ ننڊ نہ ٿي آئي

چتيون بہ تمن پتيون بہ پُرن، چائنٺ ڪان اندر پائي بہ اچي
اڌ رات ڪُمهلي آفت ٿي، برسات ۾ ننڊ نہ ٿي آئي

ڪو پاءُ ڪنو، ڪو پيءُ مُنو، ڪا گود لٽي، ڪا بيوه ٿي
زنجير ضميرن کي، بگڙيل حالات ۾ ننڊ نہ ٿي آئي

جن اکين ۾ هئي اونده تن لاءِ ڏينهن بہ رات جيان ئي هو
پر نور پرين نيڻن کي ڪڏهن ظلمات ۾ ننڊ نہ ٿي آئي

ڪو چاهت وارو چنگ، چُريو، جو ٻول ٻُريو تنهن ساٿ گهريو
هو جوش جواني جو راشد! جذبات ۾ ننڊ نہ ٿي آئي

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي ماري پو منهنجو غم کيائون
چڱو ٿيو ڪو نہ سُهڻو ڪم کيائون

قبر منهنجيءَ تي گل ڪومائجي ويا
وفا جي موت تي ماتم کيائون

زخم گهرا هٽي معصوم دل تي
وري ڏس لوڻ کي مرهم کيائون

کُلهي ڪاندي ٿيا قاتل لِکڻ لئي
شرم کان چو کٽي سرخم کيائون

مُئي کان پوءِ اچي راشد! قبر تي
مون کي ٿي حال جو محرم کيائون

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجو چهرو آ چهرو ڪتابي
گيت جنهن لئہ لکيا مون گلابي

عشق ورڪر تي در در پيو ڀٽڪي
سونهن جي آ مهر انتخابي

مون تي آخوند چڙيو وتي ٿو
شعر منهنجا ٿا ڳائن ڪتابي

ڳوٺ وارا چو ناراض ٿي ويا
پيار ۾ آهي ڪهڙي خرابي

پيهہ ۾ لک تي ڪو بک نہ ٿي پئي
نيڪ ناهي اها بي نقابي

ذهن منهنجي ڪي زوريءَ جهٽي ويون
تنهنجون اکڙيون اهي بئي عقابي

ساٿ اُن جو ڪپي ٿو اي راشد!
سوچ جنهن جي هجي انقلابي

❖



ڏات پلي ورثو ڪري هجي ٻہ ڪٿي، پر هڪ هٿي هرگز ناهي. شاعريءَ جي آتڻ تي جڏهن ڪنهن پڙاڏي سمان گونج ڪي ٻڌو تہ، سهي ڪري وٺو تہ ”راشد مورائي“ اسٽيج تي اچي ويو آهي. شاعري جيڪڏهن ٻوليءَ جي ”انگ نرت“ آهي تہ راشد ان انگ نرت جو پنهنجي لحاظ کان هڪ نيارو ”خلقڻهار“ آهي ۽ سندس اهڙيءَ انفراديت ڪيس سنڌي ادب جي وسيع جهوليءَ ۾ ڪشادي جاءِ ڏني آهي. سندس سجاڳپ جتي هن تتل ڌرتيءَ جي سياءُ جي عيوضي آهي تہ اتي سنڌوءَ جي ڪڙڪي ۽ قهر جي علامت بہ ۽ ساڳئي وقت منڇر جي مانٺي پاڻيءَ جان نرم ۽ نازڪ بہ. سندس شاعري ڳوناڻي گهرج بہ آهي. (ڪنهن فنڪار جي آواز تائين) تہ مشيني دؤر جي پيدا ڪيل مامرن جي شاعراڻي اپٽار بہ. وڏي ڪينواس تي پکڙيل شاعري سنڌ جو منهن مٿي ڪندي نظر ايندي ۽ اسان سيني جو مول متو بہ تہ اهوئي آهي.

**رکيل مورائي**

Graphics: Intel Communications, Hyd.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ٻاڙي، ڪائُو، ٻاجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسُل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ به مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ به ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَڀِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَرَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چوي، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نه رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽڪر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان به پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو ته ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book